ABC Certified DAILY AAS HYDERABAD

روزاني آس حيدرآباد

dailyaashyd@gmail.com

(سال15) آچر 25 سيپٽمبر 2022 ع 28 صفر المظفر 1444هه (شمارو 262) قيمت 15 رپيا)

آرمي چيف مقرري تي عمران خان جو دٻاءُ مڃيو ويو ته وڏي تباهي ٿيندي: راڻا ثناءُالله

عمران خان جي نه مشهوري آهي نه ئي ڪو بيان جڏهن هي حڪومت ۾ هئا ته مهانگائي هئي پر بيان اسان جي خلاف هئا، هاڻ اسان حڪومت ۾ آهيون ۽ مڃون ٿا ته مهانگائي آهي

وزيراعظم پرعزم آهي ته عوام کي رليف ڏئي سگهون ٿا، عمران خان آءِ ايم ايف سان غلط معاهدو ڪيو جڏهن ته ويندي ويندي هو قيمتون گهٽ ڪري معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪري ويو

جيڪڏهن آءِ ايم ايف سان معاهدو نه ٿئي ها ۽ اسان پنهنجي سياست بچائڻ جي ڪوشش ڪريون ها ته ملڪ کي برداشت نه ڪرڻ جوڳو نقصان پهچي ها

هاڻ فرح گوگي، القادر ٽرسٽ ۽ ٻيون شيون سامهون اچي رهيون آهن، هنن 4 سالن ۾ ڇا ڪيو؟ اهي سموريون شيون سامهون اچي رهيون آهن، تحريڪ انصاف اڳواڻ سميت سمورن جو ڪردار مذمت جوڳو آهي

عمران خان جي بيان جي ڪا به حيثيت ناهي، ڪنهن کي به اسلام آباد تي چڙهائي ڪرڻ نه ڏينداسين، پنجاب ۾ تبديلي اچڻ ڪا وڏي ڳالهه ناهي، تبديلي کي ووٽ ۽ ٻئي طريقي سان آڻي سگهجي ٿو

جنهن اداري کي ملڪ جي سرحدن جي حفاظت ڪرڻي هوندي آهي ان جي سربراهه جي مقرري تڪراري نه بڻائي وڃي، اسحاق ڊار جي اچڻ سان اسان جي اقتصادي ٽيم مضبوط ٿي ويندي

لاهور (م د) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءالله چيو آهي ته آرمي چيف مقرري تي عمران خان جو دٻاءُ مڃيو ويو ته اداري جي تباهي ٿيندي. پاڪستان مسلم ليگ (ن) پنجاب جي صدر راڻا ثناء الله پارٽي سيڪريٽريٽ ماڊل ٽائون لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته عمران خان جي نه مشهوري آهي نه ئي ڪو بيان جڏهن هي حڪومت ۾ هئا ته مهانگائي هئي پر بيان اسان جي خلاف هئا، هاڻ اسان حڪومت ۾ آهيون ۽ مڃون ٿا ته مهانگائي آهي پر وزيراعظم پرعزم آهي ته عوام کي رليف ڏئي سگهون ٿا. راڻا ثناءالله چيو ته عمران خان آءِ ايم ايف سان غلط معاهدو ڪيو جڏهن ته ويندي ويندي هو قيمتون گهٽ ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لاڙڪاڻو: پ پ اڳواڻ آصفه ڀٽو زرداري ٻوڏ متاثرن سان ملي رهي آهي

وڏي وزير سان ورلڊ بئنڪ جي وفد جي ملاقات، نظام جي بحالي لاءِ گڏيل منصوبا ٺاهڻ تي اتفاق

ٻوڏ سبب 1.7 لک گهر ڊهي پٽ ٿي ويا آهن جن کي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ٻوڏ اچڻ کانپوءِ ٻيهر تعمير ڪرڻ جي ضرورت آهي، اهڙن گهرن جي تعمير تي گهٽ ۾ گهٽ 500 ملين ڊالر خرچ ايندا: وڏو وزير

آبپاشي نيٽ ورڪ کي بهتر بڻائڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 250 ملين ڊالر ٻيهر فراهم ڪيا وڃن نه ته ٻي صورت ۾ نه رڳو زرعي معيشت کي نقصان پهچندو پر زراعت جي شعبي سان لاڳاپيل ماڻهو به تباهه ٿي ويندا

ٻوڏ سبب 12 هزار ڪان وڌيڪ ڍور مري ويا آهن جيڪو غريب عوام جي آمدني جو واحد ذريعو آهي، ٻي گهر ٽٽڻ بعد ٻوڏ سبب مختلف غريب عوام پنهنجي آمدنيءَ جا ذريعا به وڃائي ويٺا آهن

وڏو وزير ۽ ورلڊ بئنڪ جو ڪنٽري ڊائريڪٽر هفتيوار جائزو اجلاس منعقد ڪندو جن منصوبن تي غور ڪيو ويندو ته جيئن متاثرين جي فائدي ۽ بحالي لاءِ انهن تي عمل ڪري سگهجي: اتفاق

سنڌس ماهرن ۽ سنڌ حڪومت جا لاڳاپيل آفيسر گڏجي ويهندا ۽ ان جي لاڳت، عرصي ۽ تعميراتي ٽيڪنالاجي تي ٻڌل پلان تيار ڪندا ته جيئن ان منصوبي کي منظوري لاءِ بئنڪ اختيارين ڏانهن موڪلي سگهجي: بئنڪ آفيسر

دادو، ڄامشورو ۽ ٻين علائقن جو دورو ڪيو ۽ اهڙي ٻوڏ واري صورتحال ۽ انساني بحران ڪڏهن به نه ڏٺو آهي، ڊونر ايجنسي صوبائي حڪومت جي مدد لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندي: مسٽر مارٽن ريسر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان ورلڊ بئنڪ جي هڪ اعليٰ سطحي وفد ملاقات ڪئي جنهن جي اڳواڻي بئنڪ جي ريجنل وائيس پريزيڊنٽ فار ساؤٿ ايشيا مسٽر مارٽن ريسر ڪئي جنهن ۾ ٻوڏ رليف ۽ ريل گاڏين واري نظام جي بحالي لاءِ 1.1 ارب ڊالر جو منصوبو پيش ڪيو ويو وڏي وزير چيو ته صوبي جي 140914 اسڪوائر ڪلوميٽر ايراضيءَ مان 15.39 سيڪڙو يعني 21691.7 اسڪوائر ڪلوميٽر ۽ 66549 آبادي واري ايراضي مان 18.8 سيڪڙو يعني 12541.6 اسڪوائر ڪلوميٽر برسات/ ٻوڏ سبب پاڻي هيٺ اچي ويو آهي. ۽ وڌيڪ چيو ته اهڙي وڏي آفت جي ڪا مثال/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڪراچي: وڏو وزير دوري جي موقعي تي هڪ اسپيشل ٻار سان ملي رهيو آهي

آمريڪا ۾ امداد کان وڌيڪ شاهي خرچ ڪيا ويا : شيخ رشيد

راولپنڊي (م د) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد چيو آهي ته مفتاح اسماعيل ۽ اسحاق ڊار گڏجي يا روڄهي به معاشي حالتون ٺيڪ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ٻوڏ سبب پاڪستان کي لکين ٽن ڪڻڪ درآمد ڪرڻي پئجي سگهي ٿي: وزيراعظم

پاڪستان موسمياتي تبديلين سبب ٻوڏ کي منهن ڏنو، ٻوڏ سان 3 ڪروڙ 30 لک ماڻهو سڌي ريت متاثر ٿيا آهن

روس، يوڪرين جنگ سبب دنيا ۾ تيل ۽ اُن جو بحران ٿيو، ٻوڏ سبب پاڪستان کي لکين ٽن ڪڻڪ درآمد ڪرڻي پئجي سگهي ٿي

پاڪستان ڀارت سان پرامن لاڳاپن جو خواهشمند آهي پر ڀارت کي 2019 کانپوءِ ڪنيل قدم واپس وٺڻا پوندا

واشنگٽن (م د) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته ٻوڏ سبب پاڪستان کي لکين ٽن ڪڻڪ درآمد ڪرڻي پئجي سگهي ٿي. آمريڪي خابرو اداري کي انٽرويو ڏيندي شهباز شريف چيو ته پاڪستان موسمياتي تبديلين سبب ٻوڏ کي منهن ڏنو پاڪستان ۾ ٻوڏ سان 3 ڪروڙ 30 لک ماڻهو سڌي ريت متاثر ٿيا آهن. هن چيو ته روس، يوڪرين جنگ سبب دنيا ۾ تيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

تحريڪ انصاف سربراهه عمران خان اسيمبلي ۾ واپسيءَ لاءِ شرط رکي ڇڏيو

اسٽيبلشمينٽ سان اسان جا سٺا لاڳاپا هئا، خبر ناهي ڪڏهن ۽ ڪيئن خراب ٿيا: عمران خان

حڪومت کي اسٽيبلشمينٽ سان لاڳاپن جي ضرورت هوندي، اسان اپوزيشن ۾ آهيون ته اپوزيشن ۾ رهندي ڪهڙا لاڳاپا ٿي سگهن ٿا؟

اسلام آباد (م د) تحريڪ انصاف سربراهه عمران خان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

دهشتگردن سان ڪنهن جي چوڻ تي ۽ ڪهڙين ڳالهين تي رهيون آهن؟ جسٽس قاضي فائز عيسيٰ

سوات ۾ جن جي حملي کانپوءِ ٻارڙين جو اسڪول 5 سالن تائين بند رهيو، اڄ اسان انهن دهشتگردن سان ڳالهيون ڪري رهيا آهيون

عالمي موسمياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان کي پاڻ به ڪجهه ڪرڻو پوندو، دنيا ڏانهن واجهائڻ بدران پاڻ عملي قدم کڻڻا پوندا

حڪومت ججن، بيوروڪريٽس ۽ فوجي آفيسرن کي گاڏيون ڏيڻ بند ڪري اها رقم پنڌ، سائيڪل جي رستن ۽ پبلڪ ٽرانسپورٽ تي خرچ ڪئي وڃي

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي سينيئر جج جسٽس قاضي فائز عيسيٰ سوال ڪندي چيو آهي ته سوات ۾ جن جي حملي کانپوءِ ٻارڙين جو اسڪول 5 سالن تائين بند رهيو اڄ اسان انهن دهشتگردن سان ڳالهيون ڪري رهيا آهيون، آخر ڪنهن جي اجازت سان ٿي رهيو آهي؟ اسلام آباد ۾ جاري عالمي عدالتي ڪانفرنس جي پڄاڻي ڏينهن سپريم ڪورٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

شهباز شريف اهڙي چيو جيڪو عمران خان چوندو رهيو آهي: شاهه محمود

لڳي اهڙي ٿو ته شهباز شريف عمران خان جي ڪا پراڻي تقرير ڪٽي ڪاپي پيسٽ ڪئي

شهباز شريف ۽ ان جي پارٽي جي حڪومت ۾ ماحولياتي تبديلين لاءِ ڪهڙا قدم کنيا ويا؟

اسلام آباد (م د) اڳوڻي پرڏيهي وزير شاهه محمود /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

وزيراعظم شهباز شريف جي ملالا يوسفزئي سان ملاقات

وزيراعظم ڇوڪرين جي تعليم ۽ سماجي معاملن تي ملالا جي خدمتن جي تعريف ڪئي

شهباز شريف موسمياتي تبديلي سبب ٿيندڙ نقصانن تي روشني وڌي

نيويارڪ (م د) وزيراعظم شهباز شريف جي نوبيل انعام يافته ملالا يوسفزئي سان ملاقات ٿي آهي. شهباز شريف ۽ ملالا يوسفزئي جي ملاقات گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي اجلاس جي موقعي تي ٿي. ملاقات دوران وزيراعظم ڇوڪرين جي تعليم ۽ سماجي معاملن تي ملالا جي خدمتن جي تعريف ڪئي جڏهن ته شهباز شريف موسمياتي تبديلي سبب ٿيندڙ نقصانن تي روشني وڌي. وزيراعظم چيو ته ڇوڪرين جي تعليم کي هٿي ڏيڻ لاءِ ملالا فنڊ جي تعليم واري وزارت سان پائيداري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

جهانگير ترين ۽ عليم خان عمران خان جي پٺيءَ ۾ ڇرو هنيو: حامد خان

عمران خان کي اقتدار مان هٽائڻ ۾ جهانگير ترين ۽ عليم خان جو وڏو هٿ آهي، پنهنجي عمران خان جي پٺيءَ ۾ ڇري هنئي

عمران خان سان اختلاف جهانگير ترين ۽ عليم خان جي پارٽي ۾ شموليت ۽ قاضي فائز عيسيٰ خلاف ريفرنس داخل ڪرڻ تي ٿيو

لاهور (م د) تحريڪ انصاف جي باني ميمبر ۽ قانوني ماهر حامد خان جو چوڻ آهي ته جهانگير ترين ۽ عليم خان عمران خان جي پٺيءَ ۾ ڇرڪائي ... سان خصوصي ڳالهه ٻولهه ڪندي حامد خان چيو ته عمران خان کي ... چيئرمين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي شهر ۾ انفراسٽرڪچر جي بهتري لاءِ ٽيڪس لاڳو ڪيو ويندو آهي، اسان به ائين ئي ڪيو: مرتضيٰ وهاب

ميونسپل يوٽيليٽي ٽيڪس نئون نه آهي، اهو نعمت الله، مصطفيٰ ڪمال ۽ وسيم اختر جي دور ۾ به هو

ڪي اليڪٽرڪ جي بلن ۾ شامل ٿيندڙ ميونسپل يوٽيليٽي ٽيڪس جو سمورو پئسو نالين، روڊن ۽ پارڪن جي بحالي تي خرچ ٿيندو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ايڊمنسٽريٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ڪي اليڪٽرڪ جي بلن ۾ شامل ٿيندڙ ميونسپل يوٽيليٽي ٽيڪس جو سمورو پئسو نالين، روڊن ۽ پارڪن جي بحالي تي خرچ ٿيندو. ... ميونسپل يوٽيليٽي ٽيڪس نئون نه آهي. اهو نعمت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

طوفاني برساتن ۽ ٻوڏ سبب انساني الميو برپا ٿيو آهي: شرجيل انعام ميمڻ

برسات ۽ ٻوڏ متاثرن کي سهولتون مهيا ڪرڻ جي لاءِ گڏيل ڪوشش جي ضرورت آهي: صوبائي وزير

ڪوشش آهي ته ڏورانهين علائقن جي متاثرن جي به هر مشڪل جي گهڙي ۾ مدد کي يقيني بڻائي سگهجي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات ڪاتي واري وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته تازين طوفاني برساتن ۽ ٻوڏ سبب انساني الميو برپا ٿيو آهي. ٻوڏ متاثرن کي سهولتون فراهم ڪرڻ جي لاءِ گڏيل ڪوشش جي ضرورت آهي. سمورين اين جي اوز سرنديءَ وارا، فلاحي تنظيمون ۽ رضاڪاري خدمتون ڏيندڙن کي اپيل آهي ته هو پي ڊي ايم اي جي صوبائي ايمرجنسي آپريشن سينٽر سان رابطي ۾ رهن هن چيو ته ايمرجنسي آپريشن سينٽر جي نمبر 1736 ۽ موبائل فون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سستو اٽو فراهم ڪرڻ جو اعلان

حڪومتِ سنڌ جو عوام جي فلاح طرف هڪ ٻيو انقلابي قدم

حڪومت پاران اٽي جي نئين قيمتن جو اعلان

1 ڪلوگرام اٽي جي ايڪس مل پرائس 64 رپيا مقرر ڪئي وئي آهي، جڏهن ته عوام کي اٽو 65 رپيا ڪلو ۾ دستياب هوندو.

اهڙي طرح 10 ڪلوگرام اٽي جي ٿيلهي جي ايڪس مل پرائس 640 رپيا مقرر ڪئي وئي آهي، 10 ڪلو اٽي جو ٿيلهو عوام کي 650 رپين ۾ دستياب هوندو.

حڪومتِ سنڌ انهن نئين قيمتن جو اطلاق يقيني بڻائيندي. ته جيئن عوام سستي اٽي مان فائدو وٺي سگهي

نئين مقرر ڪيل قيمت	وزن
640 رپيا	10 ڪلوگرام (ايڪس مل پرائس)
64 رپيا في ڪلو	في ڪلوگرام (ايڪس مل پرائس)
650 رپيا	10 ڪلوگرام (رٽيل پرائس)
65 رپيا	في ڪلوگرام (رٽيل پرائس)

عوام جي خدمت ۾ پيش پيش خوراڪ وارو کاتو، حڪومتِ سنڌ

INF/KRY/3754/2022

dailyaasoffical 0322-3921123
dailyaasoffical 0335-7558367

www.dailyaas.com.pk Email-dailyaashyd@gmail.com

ڪراچي آفيس: رابطي لاءِ 10ي 1-ٽئون فلور، فرسٽ جامي ڪمرشل اسٽريٽ، فيز VII ڊي ايڇ اي، ڪراچي. فون نمبر: 021-35317757

حيدرآباد آفيس: آفيس 1 بيسمينٽ ممتاز هائيٽس نيئر حيدر چوڪ گاڏي کاتو حيدرآباد. فون نمبر 022-2782921

روزاني آس

ايڊيٽر : عاطف صادق

پبلشر افشان عاطف سمر پرنٽرز جي 1، گرائونڊ فلور بي آر آر ٽاور حسن علي اسٽريٽ، آءِ آءِ چندريگر روڊ مان ڇپرائي آفيس نمبر 1 بيسمينٽ ممتاز هائٽس گاڏي کاتا حيدرآباد مان پڌري

ادا ريو ۽ راءِ

سياست جي آڙ ۾ پي ٽي آئي جا ٽارگيٽ…… !

هن وقت پاڪستان انتهائي سنگين صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي. برساتن ۽ ٻوڏ ملڪ ۾ وڏي تباهي مچائي ڇڏي آهي. اڳ ۾ ئي بحران جو شڪار معيشت وڌيڪ دٻاءُ هيٺ اچي وئي آهي. تيزي سان بدلجندڙ علائقائي ۽ عالمي صورتحال سبب پاڪستان کي پيچيده سيڪيورٽي مسئلن جي چئلينجن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ اهو ته ملڪ اندروني استحڪام لاءِ وڌندڙ خطرن کي منهن ڏئي رهيو آهي. انهن حالتن جي ڪري فڪرمندن سمورن حلقن لاءِ اڄ جو اهم سوال اهو آهي ته پاڪستان تحريڪ انصاف جو سربراهه ۽ اڳوڻو وزيراعظم عمران خان سياست جي نالي تي ڇا ڪري رهيو آهي؟عمران خان پنهنجي پروپيگنڊا مهم ذريعي دنيا کي هي پيغام ڏئي رهيو آهي ته پاڪستان کي امداد ناهي ڏيڻي، انهن کي اها خبر ئي ناهي ته ٻوڏ سٽيل لکين انسانن جا مسئلا ۽ تڪليفون ڇا آهن ۽ اهي ڪهڙي صورتحال مان گذري رهيا آهن ؟ پي ٽي آئي جي اهڙي پروپيگنڊا سان متاثر ٿيل ماڻهن ۽ پاڪستان کي ڪهڙو نقصان ٿي سگهي ٿو؟ گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل سميت مختلف ملڪن ۽ عالمي ادارن جا سمورا اڳواڻ ۽ وفد هن آفت جو جائزو وٺڻ لاءِ پاڪستان آيا، سنڌن چوڻ آهي ته هنن پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙي آفت نه ڏٺي آهي. هن جو اهو به چوڻ آهي ته ان وڏي آفت کي منهن ڏيڻ رڳو پاڪستان جي وس ۾ ناهي. سڄي دنيا کي اڳتي اچي پاڪستان جي مدد ڪرڻ گهرجي پر پي ٽي آءِ جو سوشل ميڊيا "رسپوٽين" جعلي وڊيوز ٺاهي وائرل ڪري رهيا آهن. جنهن ۾ دنيا کي باور ڪرايو پيو وڃي ته پاڪستان کي امداد نه ڏني وڃي. ڪين خبر آهي ته ٻوڏ متاثر علائقن ۾ هر طرف ڏڪوئيندڙ ڪهاڻيون پکڙيل آهن ۽ انساني الميو جنم وٺي رهيو آهي. متاثرين کي پناهه گاهن، خوراڪ ۽ دوائن جي سخت ضرورت آهي ۽ انهن جي ڀيهر بحاليءَ لاءِ ڪافي وسيلن جي ضرورت پوندي. جيتوڻيڪ هي سياست جو وقت ناهي. قوم کي سوچڻ گهرجي ته هن ڏکئي وقت ۾ پي ٽي آءِ ڪهڙي سياست ڪري رهي آهي . ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ افسوسناڪ ۽ قابل مذمت واقعو پيش آيو پي ٽي آءِ ۽ ق ليگ جي پنجاب حڪومت سنڌ_پنجاب بارڊر تي سنڌ جي ٻوڏ متاثرن لاءِ اتو آئيندڙ ٽرڪن کي روڪي ڇڏيو پراونشل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (PDMA) سنڌ پاران پنجاب مان اٽي جا 4500 ٿيلها خريد ڪيا ويا ۽ اها خبر پنجاب حڪومت کي ٻڌي، تنهن هوندي به اهو اٽو نه رڳو ضبط ڪيو ويو پر ٽرڪ ڊرائيورن خلاف ڪيس پڻ داخل ڪيا ويا جو ته پي ٽي آءِ وارا ڪڏهن به سياسي چالبازي ڪرڻ جو موقعو ضايع ناهن ڪندا. اسان اهو نه ٿا چئون ته عمران خان ۽ سنڌس ساٿي انهن حالتن ۾ ٻوڏ متاثرن وٽ وڃڻ بدران اسٽريٽ پاليٽڪس ڇو ڪري رهيا آهن اهو سنڌن پنهنجو مسئلو آهي. اسان پنهنجي اڳواڻن بلاول ڀٽو زرداري ۽ آصف علي زرداري جي هدايتن تي پنهنجون ٻيون سموريون سرگرميون معطل ڪري ڇڏيون آهن ۽ وس کان وڌيڪ امدادي ۽ بحاليءَ جا ڪم ڪري رهيا آهيون. ماڻهو اسان کي چڱو چون يا خراب. اسان ساڻن گڏ آهيون جيڪڏهن اهي اسان کان ناراض آهن ته ان جو مطلب اهو آهي ته انهن جو اسان سان تعلق آهي ۽ انهن جي اسان سان حجت آهي. اسان سمجهون ٿا ته هن آفت جي ڪري ماڻهن جا مسئلا تمام گهڻا آهن. اسان فيصلو ڪيو آهي ته عوام جي بحالي تائين چين سان نه ويهنداسين ڇو ته اسان جو رشتو عوام سان آهي اسان جي سياست جو محور عوام آهن جڏهن ته پي ٽي آءِ جو ڪم اهو آهي ته اها هڪ منصوبي تحت وڊيوز ٺاهي ۽ اسڪرپٽ لکي. سندس سياست جو دارومدار رڳو ڪوڙي پروپيگنڊا تي آهي. مسجد نبوي ۾ پيش آيل واقعو ان جو ثبوت آهي. پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه ۾ پي ٽي آءِ جي پروپيگنڊا مشينري کي اهڙو ڪجهه به نظر نٿو اچي. قومي آفت ۾ پي ٽي آءِ جو اهو رويو آهي جيتري قدر معيشت جو تعلق آهي ان تي به پي ٽي آئي ملڪ جي مفادن تي پنهنجي سياست کي ترجيح ڏني آهي. عمران خان پوري ڪوشش ڪئي ته آئي ايم ايف پاڪستان کي امدادي پيڪيج جاري نه ڪري. دنيا ڄاڻي ٿي ته هن وقت جيڪو معاشي بحران آهي، اهو عمران خان جي حڪومت جو پيدا ڪيل آهي. عمران خان جي حڪومت آءِ ايم ايف سان پاڻ ئي معاهدو ڪيو ۽ بعد ۾ ان کان انڪار ڪيو جڏهن سندس حڪومت ختم ٿي ته پاڪستان معاشي ڏيوالي جي مرحلي تي پهچي چڪو هو.

ان صورتحال مان نڪرڻ جو واحد رستو اهو هو ته آءِ ايم ايف کان انهن شرطن تي امدادي پيڪيج حاصل ڪيو وڃي، جن تي عمران خان جي حڪومت صحيحون ڪيون هيون. پر عمران خان پنهنجي 'ميڪاولي سياست' سان پاڪستان کي سري لنڪا ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي. هن پنهنجي اڳوڻي ناڻي واري وزير شوڪت ترين ذريعي خيبرپختونخواهه ۽ پنجاب جي ناڻي وارن وزيرن کي فون ڪرايو ته آءِ ايم ايف کي خط لکي ٻڌايو وڃي ته اهي ٻئي صوبا پنهنجي حصي جو قرض ادا نه ڪري سگهندا. ان جو مقصد اهو هو ته آءِ ايم ايف پاڪستان کي امدادي پيڪيج جاري ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏي. نه رڳو ايترو پر عمران خان کي اهو به احساس ناهي ته پاڪستان جي سلامتي کي ڪهڙا اندروني ۽ بيروني خطرا آهن اهي مسلسل قومي سلامتي جي ادارن تي حملا ڪري انهن کي تڪراري بڻائي رهيا آهن عمران خان جو چوڻ آهي ته پاڪ فوج کي غير جانبدار نه رهڻ گهرجي. ۽ سياسي مداخلت ذريعي کيس ٻيهر اقتدار ۾ آندو وڃي. جيڪڏهن هو ائين ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيا ته نه رڳو پاڪستان کي ٿيندڙ نقصان جا ذميوار هوندا پر ڪين "عوام جي غضب" کي به منهن ڏيڻو پوندو هو عدليه کي به ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ۽ جلسن ۾ اعلان ڪري رهيا آهن ته جيڪو به جج سنڌن خلاف فيصلو ڏيندو، ان خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. هو آرمي چيف جي مقرري کي به تڪراري بڻائي رهيا آهن ۽ اهو تاثر ڏئي رهيا آهن ته رڳو چيف آف آرمي اسٽاف جنهن کي هو مقرر ڪندا، اهو محب وطن هوندو. عمران خان جي ان بيان تي پاڪ فوج به سخت رد عمل ظاهر ڪيو آهي پر هو ادارن کي تڪراري بڻائڻ واري روش کان پوئتي ناهن هٽيا. سياست جون به ڪي حدون هونديون آهن پر عمران خان ۽ سندس ساٿي سڀ حدون پار ڪري رهيا آهن. عمران خان آزمائشن ۽ مصيبتن جي هن دور ۾ ملڪ ۽ قوم سان ائين ڇو ڪري رهيو آهي ۽ سندس ايجنڊا ڇا آهي؟ سپريم ڪورٽ به کيس پارليامينٽ ۾ وڃي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو مشورو ڏنو آهي. ڇاڪاڻ ته ملڪ هن وقت ٽڪرائو چونڊون ڪرائڻ جو متحمل ناهي. پر هو ان حوالي سان به سپريم ڪورٽ تي تنقيد ڪري رهيو آهي

شرجيل انعام ميمڻ

ٻيمارين ۾ ورتل ٻوڏ متاثر

ٻوڏ جي تباهڪارين کان پوءِ جيڪا صورتحال سامهون اچي رهي آهي. اها وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ آهي. ڇاڪاڻ ته هڪ پاسي ٻوڏ کان پوءِ ڪاڌي پيتي جي شين جو بحران پيدا ٿيو آهي ته ٻئي پاسي ٻوڏ متاثر ٻيمارين کي پڻ منهن ڏئي رهيا آهن. نتيجي ۾ نه رڳو انهن جون ضرورتون پوريون ڪونه پيون ٿين پر انهن لاءِ مسئلا پڻ وڌي ويا آهن. ڪئمپن ۾ ويٺل ماڻهو ٻڪن، ٻيمارين ۽ عدم تحفظ کي منهن ڏئي رهيا آهن. هاڻي انهن کي مختلف ٻيمارين دوائون پڻ ڪونه ملي رهيون آهن. جنهن ڪري انهن جي حياتين کي وڌيڪ خطرو ٿي پيو آهي. مليريا، بخار ۽ پيٽ جي ٻيمارين ۾ ورتل ٻوڏ متاثر گهڻي وقت تائين انهن ٻيمارين کي منهن نه ڏئي سگهندا. جڏهن ته حڪومت به اهو اعتراف ڪري رهي آهي ته ان وٽ ماڻهن کي ڏيڻ لاءِ دوائون ڪونه آهن.

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه گڏريل ڏينهن لاڙڪاڻو، شڪارپور، شهدادڪوٽ، رتوديرو، سجاول جوڻيجي، قمبر، ڏوڪري، ميرو خان ۽ آريجا ۾ برسات متاثرن جي رليف ڪئمپن جو دورو ڪيو. ان موقعي تي وڏي وزير ڳالهائيندي اعتراف ڪيو ته اسان سڀني کي امداد پهچائي نه سگهيا آهيون. سنڌ ۾ مليريا ۽ بخار جي دوا ختم ٿي وئي آهي. هن چيو ته سنڌ ۾ هيل غير معمولي برساتون وسيون آهن. ايتريون برساتون اڳ ڪڏهن به نه پيون آهن. اڃا به ڪيترن هنڌن تي پاڻي موجود آهي. پراڻا رڪارڊ ته ناهن پر اڳ کان ڏهوڻ، ٻارهوڻ تي وڌيڪ برسات پئي آهي. اهو سمورو پاڻي ڪيڏو آهي جنهن لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهيون. ڪوشش آهي ته پاڻي ڪيڻ دوران ڪنهن ٻئي کي تڪليف ۾ نه وجهون ۽ ماڻهن تي الزام ٿلهو هنان پر هر ڪنهن کي پنهنجي ڳوٺ اڳيان پاڻي بيٺل آهي ته اهو پاڻ به ڪيرائي. انهن ماڻهن کي رڳو اهو پاڻي نظر ايندو آهي ۽ اهو سمجهندو آهي ته سرڪار اهو پاڻي هتان ڪڍي اڳتي موڪلي ڇڏي پر هتي هر پاسي پاڻي ئي پاڻي آهي. جنهن ڪري جيڪا انهن ڏسندا پاڻي نظر ايندو پاڻي نڪرڻ ۾ وقت لڳندو 75 سيڪڙو پاڻي هڪ ڏيڍ مهيني ۾ ڪڍي وٺنداسين. هن چيو ته اسان کي 15 لک خيمن جي ضرورت آهي فقط ساڍا 4 لک خيما ڏنا ويا آهن ان حساب سان اسان ماڻهن تائين ٽينٽ نه پهچائي سگهيا آهيون. هن چيو ته سمورن ملڪن مان 10 هزار کان به گهٽ ٽينٽ مليا آهن. هي وڏو سانحو آهي. ماڻهن جي تڪليف ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. هن چيو ته سنڌ جي ڪيترن ضلعن ۾ 1100 ملي ميٽر برسات پئي ۽ ٻه ٽن عيدن ۾ 1800 ملي ميٽر برسات پئي. جڏهن ته سنڌ جي ايراضي 41 هزار اسڪوائر ڪلوميٽرن تي آهي. جيڪڏهن ان جو سراسري جائزو وٺبو ته 140 ملين ايڪڙن تي پاڻي بيهي چڪو آهي. جيڪو 20 تربيلا ڊيمن جي برابر آهي. اهو ئي سبب آهي جو جتي نظر پوندي اتي پاڻي ئي پاڻي نظر ايندو. سنڌو درياءَ جي ساڄي پاسي ڪشمور کان سيوهڻ تائين صرف پاڻي آهي ۽ هر ڪوئي اهو چاهي ٿو ته ان جي علائقي مان پاڻي نيڪال ٿئي پر پاڻي ڪڍڻ ۾ وقت لڳندو منڇر ڍنڍ ذريعي پاڻيءَ کي نيڪال ڪيو پيو وڃي. وڏي وزير امدادي سامان ڏيندڙ ملڪن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته هي برساتون وڏي سانحي کان گهٽ ناهن پر سنڌ حڪومت ماڻهن جي تڪليفن کي گهٽائڻ جي ڀرپور ڪوششون ڪري رهي آهي.

اسين سمجهون ٿا ته وڏي وزير جي اعتراف کان پوءِ اها ڳالهه واضح ٿي وئي آهي ته ٻوڏ متاثرن لاءِ تڪليفن جو دور ختم ناهي ٿيو ۽ اهي ان کان وڌيڪ تڪليفون ڏسي سگهن ٿا. ڇاڪاڻ ته انهن لاءِ حڪومت وٽ مليريا ۽ بخار جون گوريون به ڪونه آهن. حڪومت کي هنگامي بنيادن تي بخار ۽ مليريا جي دوائن جو بندوبست ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته هاڻوڪي منڊ ۾ مڇرن جي آزار جي ڪري اهي مليريا ۽ ڊينگي، جو شڪار ٿي رهيا آهن پر وقت سر انهن کي دوائون نه مليون ته ٻوڏ متاثرن جون حياتيون متاثر ٿي سگهن ٿيون. تنهنڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته پرڏيهه مان اهي دوائون گهرائي ماڻهن کي مهيا ڪري ڏنيون وڃن ته جيئن ٻوڏ متاثرن کي مرڻ کان بچائي سگهجي ۽ انهن کي صحتمند رکڻ جو بندوبست ڪيو وڃي.

سنڌ جو برو حال ۽ قومپرست سياست

ممتاز منگي

سنڌ تاريخ جي بدترين بحران مان گذري رهي آهي ۽ عوام جو برو حال ڏينهن ڏينهن وڌندي ۽ ٻيڻا پوڳيندي هڪ اهڙي رستي وڃي پيو جنهن تي هلڻ کان پوءِ جلدي هڪ پيو واٽو ايندو جنهن جي هڪ راهه نجات جي هوندي ۽ ٻئي ذلت خواري ۽ هاڻي جي حالتن کان به بدترين حالتون ۽ وڌيڪ برو حال هوندو. چوته بحرانن ۽ مصيبتن ۾ جيئن قره جو ڪردار امتحان مان گذري ٿو بلڪل ائين ۽ اهڙي طرح سان قومن جو ڪردار به اهڙي امتحان مان گذري پيو. جيڪڏهن قره ڏکين ۽ بري حالتن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ پنهنجي نفسياتي ڪيفيت کي يڪجا ڪري مزاحمت جي طرف وڌندي مصيبتن جو مقابلو ڪندي نجات جي طرف وڌي ٿو اهڙي طرح ۽ ائين ئي جيڪڏهن قوم پنهنجو پاڻ کي منظم ڏاڍا ۾ آئي ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي ارادي کي پختو ڪري هڪ پرامن سياسي مزاحمت ڪندي پنهنجي سياسي تعمير ۾ اڳتي قدم وڌائي ٿي پوءِ اها قوم نه رڳو موجود مشڪلن مان نجات ٿي ماڻي پر ان جو مستقبل وڌيڪ پر اعتماد، بي خوفي ۽ مشڪلن کان آجو ٿيندي اڳيان ايندو پر قوم جي انهيءَ عمل تي وڏي جي لاءِ اهم ڪردار يا بنيادي ڪردار سياسي جماعتن ۽ نظرين جو هوندو آهي.

جيڪا سياسي جماعت پنهنجي نظريي ۽ فڪر ۾ مڪمل طور تي عوام دوست ۽ عوام سان جڙيل هجڻ عوام جي لاءِ اڳتي وڌڻ جو نظريو رکي ٿي اها ئي جماعت تاريخ جي بدترين ۽ ٻرين حالتن ۾ قومي ڪردار جو رهنمائي فرض ادا ڪندي آهي سياسي جماعتون جڏهن بدترين ۽ بري حالتن ۾ پنهنجو قومي فرض ادا ڪندي هراول دستي جو ڪردار ادا ڪنديون آهن تڏهن اهي پنهنجي قوم يعني عوام ۾ جو ڀرپور اعتماد حاصل ڪري سگهنديون آهن. پوري انساني سماجن ۽ قومن جي تاريخ انهن مثالن سان ڀري پئي آهي پر جيڪڏهن هي چئون ته دنيا جي ڪا اهڙي ترقي يافته قوم وجود نٿي رکي جنهن بدترين بحران نه ڏٺا هجن ۽ انهن بدترين بحرانن . ٻرين حالتن مان ڪڍڻ جي لاءِ انهن جي سياسي قيادتن ۽ جماعتن جو ڪردار نه هجي يورپ آمريڪا ايشيا يا آفريڪا ۾ سڀني مثال اسان جي اڳيان موجود آهن پر جتي قومي استحڪام ۽ ترقي ڪمزور ۽ پوئتي آهي ته انهيءَ جو مطلب به صرف ۽ صرف اهوئي آهي ته هو بهترين قيادت ۽ بهترين سياسي عمل کان محروم رهيا آهن سنڌ پاڻ هي ملڪ سياست ۽ قيادت جي ان بحران جي دور مان مسلسل گذري پيو پر خاص ڪري سنڌ وڌيڪ سفر پئي ڪري پر سوال هي آهي ته پاڻ جيڪو ڪجهه بحث ڪريون پيا ان تاريخي حقيقتن اصولن ۽ سمجهه کان ڇا سنڌ جي قوم پرست سياست يا ٻئي سياست جيڪا پاڻ کي قوم پرست نٿي سمجهي اها واتجهيل آهي انهن کي ڄاڻ ناهي ته سياسي جماعتن جو قومن جي ترقي ۾ ڪهڙو ڪردار هجي ٿو يا قوم جي بري وقت ۾ سياسي جماعت ڪهڙي ۽ ڪيئن سياست ڪري سگهي ٿي.

پاڻ هن بحث ۾ تمام جماعتن کي بحث جو موضوع نٿا بڻايون نه انهن جي تجزياتي چنڊڇاڻ ۾ وڃون ٿا موجود حالتن ۾ سنڌ جي قوم پرست سياست جنهن تاريخ جي امتحان ۾ پنهنجو پاڻ کي گذارڻ جي بجاءِ آسيري پاسيري نظر پئي اچي. انهيءَ تي بحث ڪرڻ ۽ لکڻ ئي اسان جي اڄ جو موضوع آهي. سنڌ جا قوم پرست جيترن به گروهن ۾ ۽ پارٽين ۾ ورهايل آهن انهن سڀني جو هڪ تنظو مشترڪا آهي اهو تنظو آهي سنڌ جي قوم پرستي ۽ قوم پرستي جو مطلب سمجهڻ يا سمجهائڻ ڪو ڏکيو ناهي. قوم پرستي پنهنجي قوم سان ڀرپور پيار. عقيدت احترام جي اصولن تي جڙيل نظريو هجي ٿو قوم پرستي رڳو جابر قوم جي خلاف غصي ۽ نفرت جي اظهار جو ٿالو ناهي ۽ نه قوم سان منفي رويا رکندڙ گروهن ڏانهن تعصبي رويا رکڻ سان قوم پرستي هجي ٿي قوم پرستي ته هڪ اهو اصول ۽ نظريو آهي جنهن جي شروعات پنهنجي قوم کان ٿيندي پوءِ پوري عالم انسانيت جي طرف محبت ۽ پيار جو لڳاءُ هجي ٿو پر جيڪڏهن قوم پرست نظريي ۾ عوام جي ڏک ۽ تڪليفن جو احساس ڪمزور ۽ ثانوي هوندو ته انهيءَ جو عمل پنهنجي قوم جي بري وقت ۾ انهن سان جڙڻ ۽ پاڻهن ڀيلي ٿيڻ کان پاسيرو رهندي نظر ايندي اهڙي قوم پرستي صرف ۽ صرف دعويٰ جي حد تائين هجي ٿي بري وقت ۾ عوام جو ساٿ ڏيڻ يا انهن جي لاءِ اڳواڻي جو ڪردار ادا ڪرڻ ۾ هميشه نبل ۽ ڪمزور هوندي آهي بيشڪ سنڌ پنهنجي سياسي اليڪشنري گرفت ۾ پ پ پ جي ۽ جاگيرداري سياست جي جنبي ۾ قاتل آهي انهيءَ گرفت مان عوام کي ٻاهر ڪڍڻ به قوم پرست سياست جو ئي ڪم آهي پاڻ هن وقت ڪنهن هڪ گروپ يا پارٽي تي بحث نٿا ڪريون پر جيڪو ڪجهه سنڌ جو برو حال آهي انهيءَ ۾ قوم پرست سياست کي عمل جي ميدان ۾ ڏسندي هي سوال ٿا ڪريون ته هن حالتن ۾ تمام قوم پرست جماعتن کي اهوئي سوال اڳيان رکڻ گهرجي ته هو هن وقت ڇا ڪري سگهن ٿا! پاڻ قوم پرستن کان اها اميد نه رکون ٿا ته اها صلاح ٿي ڏيون ٿا ته هو فلاحي ڪم ڪن. جيڪڏهن ڪنهن کان فلاحي ڪم ٿئي ٿو ته بهتر آهي پر ڪين اهو ڪم ڪرڻ گهرجي جيڪو انهن جي فرض ۾ آهي يعني عوام کي سياسي ۽ عملي بنيادن تي جوڙي ڪري اڳتي وڌڻ گهرجي هي سوال اڪثر ڪيو ويندو ته هن بري وقت ۾ سياست ڪيئن ڪري سگهجي ٿي جنهن جو ٻه آساني جواب هي آهي ته سياسي عمل جو مقصد پارٽين جا جهنڊا ٻيڙ ۽ قيادتن جا نعرا ناهن هوندا پر سياسي عمل سياسي جماعتون ان صورت ۾ ادا ڪنديون آهن جو اهي عوام کي ڦرماريت ۽ استحصاليت جي خلاف جبر ۽ بدترين ڪرپشن جي خلاف منظم ڪنديون آهن سنڌ جا قوم پرست هي ٺيڪ طرح سان سمجهن ٿا ته پ پ پ يا رولنگ ڪلاسي جاگيرداري سياست عوام کي رليف ڏيڻ جي بجاءِ لٽ مار پئي ڪري ۽ ايندڙ وقت ۾ جڏهن لولو لنگڙو تعمير جو مرحلو ايندو ته انهيءَ ۾ به بد کان بد ۽ بري طريقي سان ڪرپشن ٿيندي تنهن ڪري سنڌ جا قوم پرست جنهن جنهن ضلعي جي اندر ٿوري گهڻي سگهه سان موجود آهن اهي متاثرن جون ايڪشن ڪميٽيون ٺاهي ضلعي سطح تي انهن ڪميٽين جي ذريعي سڀ کان پهريان نقصان جا انگ اکر ڪٺا ڪن ۽ اهي تفصيل سان سوشل ميڊيا ۽ پريس جي ذريعي ۽ پمفليٽن جي صورت ۾ پبلش ڪن انهيءَ سان گڏوگڏ ملندڙ امداد جا تفصيل عوام جي آڏو رکن هر ضلعي ۾ جيتري امداد ڏني وئي آهي ۽ ڏني ويندي انهيءَ جي ڏيٺا ڪئي ڪن پوري مانيٽرنگ سسٽم کي آرگنائيز ڪن عوام کي متحرڪ ڪندي اڳتي وڌن ته جيئن جاگيرداري ڪرپٽ سياست ڪرپشن جي بري ارادن ۾ بي خوف ۽ ڀرپور طريقي سان ڪامياب نه ٿئي اهو واحد طريقو آهي عوام کي هن وقت متحرڪ ڪرڻ ۽ منظم ڪرڻ جو جيڪي فلاحي ادارا تعمير ٿو جو ڪم ڪندا انهن کي پ پ پ جي ڪرپٽ وزيرن پوڏارن ۽ ڪامورن جي عتاب کان بچائڻ جي لاءِ ۽ گڏوگڏ ملي پڳت ڪري ڪرپشن ڪرڻ کان روڪڻ جي لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪن خود پنهنجي تنظيمي ڍانچي ۽ ڪارڪنن تي ڪڙي نظر رکن ته جيئن هو عوام دوستي جو ڪردار ادا ڪري سگهن ائين نه ٿئي جو بگهون کان بچائيندي پاڻ انهن کان به بدتر ڪردار ادا ڪن سنڌ جي قوم پرستن کي هي کلي دل اعتراف ڪرڻ گهرجي ته انهن جي صفن ۾ ڪافي موقع پرست ۽ چندا خور پيٽاخور فردن جو تعداد آهي. انهن تي جيڪ ايند بليڪس ڪرڻ سياسي پارٽين جي لاءِ ڪوڏکيو ڪم ناهي هوندو آهي جيڪڏهن سنڌ جا قوم پرست سنڌ جي عوام کي پاڻ سان جوڙڻ جي لاءِ رڳو ايترو ڪن تڏهن به سنڌ جي عوام جي هڪ وڏي آئت بڻجي سگهن ٿا ۽ سنڌ جي قوم پرست سياست کي عوام تائين پهچائڻ جو هڪ بهترين عملي ڀورهيو ڪري سگهجي ٿو جنهن جا نتيجا بهتر کان بهتر نظر ايندا پر سوال وري اهوئي آهي ته اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ ۽ سمجهڻ قوم پرست سياسي اڳواڻن لاءِ ڏکيو ناهي ۽ نه ڪرڻ ڏکيو آهي پاڻ اهو دهرايون ٿا ته هو انهن مشورن کان وڌيڪ سمجهه سوچ رکن ٿا پر سوال انهن کان اهوئي آهي ته جيڪو ڪجهه سياسي بنيادن تي عوام کي منظم ڪرڻ لاءِ يعني ٻين لفظن ۾ عوام کي پنهنجي حقن جي حاصلات جي منظم ڪرڻ جي لاءِ عمل جو نشو ڪيو وڃي جيڪو ڪجهه ڪري سگهجي ٿو اهو ڇو نٿو ڪيو وڃي؟ انهيءَ جو جواب قوم پرست کي ڏيڻو آهي ۽ جي هن سنڌ جي بري حال ۾ قوم پرست سياست سرد مهري، سست روي يا ٻين سببن جي ڪري خاموش رهي ته تاريخ ڪنهن کي به معاف ناهي ڪندي ۽ قوم پرستن جو حال وڌيڪ برو ٿيندو.

بقايا 01

محمد غلام مرتضي شوڪت علي منصورخان ميٺهل خان نياز حسين شنباڻي برسات جو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ ۽ واهر نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي ڳوٺن ۾ برسات جو پاڻي بيٺل آهي. نيڪال نه ٿيو ڪيو وڃي وڏي تڪليف ۾ آهيون. روڊ رستا بند بيٺل آهن برسات ۾ اسان جا فصل تباهه ٿي ويا. گهر ڪري پيا آهن هتن وڌيڪ سيد خورشيد احمد شاهه وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه مختيارڪار صالح پٽ کان گهر ڪئي آهي ته برساتي پاڻي نيڪال ڪرائي اسان متاثرن جي واهر ڪئي وڃي جيئن اسان پنهنجي ٻچن جو گذر سفر ڪري سگهون

بقايا 02

ڪم ڪري رهيون آهن 22 سيپٽمبر 2022 تائين 205 مفت ميڊيڪل ڪئمپون ضلعي جي مختلف علائقن ۾ لڳايون ويون جن ۾ خاص طور تي ٺٽون ڪوٽ قلعو، ٺهٽي، ٻڍو پيل، ستون ميل، ڇهون واڻ، جوڳي موڙ، ستورو فارم، ستار آباد، ڪلوئي ۽ ڪيٽالري جي آس پاس، ٻيلو، رامون وريرو، ڇيل بند، اسلام ڪوٽ، نگرپارڪر، ڏاهلي، ڏيپلو ۾ جتي جتي به ٻوڏ متاثرين ڀهتل هئا اتي ڪئمپ لڳايا ويا. ڪئمپن ۾ 25900 مريضن جو علاج ڪيو ويو. جنهن ۾ 2961 دستن جا، 5154 سيني ۽ ساهه جي تڪليف جا، 4340 چمڙي جي مرض جا، 784 مليريا جا جن مان 177 پازيٽو ڪيس ۽ ٻين بيمارين جا مريض هئا. ڪئمپن ۾ 1049 ٻارن کي حفاظتي ٽڪا لڳايا ويا. ڪئمپن ۾ مختلف شعبن جي ماهر ڊاڪٽرن جنهن ۾ ٻارن جي شعبي جا ماهر، چمڙي جي شعبي جا ماهر، عورتن جي بيمارين جون ماهر، دل ۽ سيني جي بيمارين جا ماهر ڊاڪٽر شامل هئا. ڪئمپن ۾ 126 حامله عورتن جي هٿ جي ليڊي هيلٿ ورڪرن پاران تصديق ٿي انهن جي رجسٽريشن ڪئي وئي، حامله عورتن جي چڪاس ال ليڊي ڊاڪٽر به موجود آهن ۽ انهن حامله عورتن کي طاقت واريون دوائون به مهيا ڪيون ويون. رجسٽر حامله عورتن مان چار عورتن جي ڊليوري ٿي وئي آهي ۽ چارئي ٻار ۽ چار ئي مائرون صحتياب آهن ۽ ٻن ٻارڙن کي حفاظتي ٽڪا لڳايا ويا آهن ٺٽوڪوٽ قلعي تي فڪس ميڊيڪل ڪئمپ جو انعقاد ڪيو ويو آهي جتي روزانه ڊاڪٽر، ڊاڪٽريالجون، مليريا جو تشخيصي عمل ڪاري سائي جو تشخيصي ۽ ٽڪن هڻڻ وارو عمل، حفاظتي ٽڪن لڳائڻ جو عمل، عورتن جي سارسنڀال لهڻ ال ليڊي هيلٿ ورڪر موجود هوندا آهن. جڏهن ته پنج کان ست موبائيل ميڊيڪل ڪئمپ مختلف جڳهن تي ضرورت مطابق ڪئمپ لڳائيون وينديون آهن. مليريا ۽ ڊينگي جي بيمارين جي علاج ۽ بچاءُ لاءِ مختلف هنڌن تي مڇر مار ڦوهارو، فيوميگيشن ڪئي پئي وڃي. سول ۽ تعلقي اسپتال ۾ وارڊ جو قيام ۽ ٽيسٽن ۽ دوائن جي موجودگي کي يقيني بڻايو ويو آهي. ڪميونٽي ۾ جاڙ مهيا ڪرڻ لاءِ سيشن ڪيا پيا وڃن.

بقايا 03

عدالت تعلقو فيض گنج جي ڳوٺ حسين شاهه، ملوجي رهواسڻ مسمات بينظير خاصخيلي طرفان داخل ڪرايل درخواست کي ٻڌڻ جوڳو قرار ڏيندي ڳوٺ سجاول خاصخيلي جي رهواسي خاصخيلي برادري جي ڀائرن علي عابد، عبدالرزاق، شهباز علي، يامين ۽ سڪندر علي خاصخيلي خلاف نوٽيس جاري ڪندي سنڌن وٽ ميني بانڊي بڻايل مسمات صاحب خاتون ۽ سندس 10 سالا ڌي شڪيلا خاصخيلي کي عدالت ۾ پيش ڪرائڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 04

چونڊيل نمائندن ۽ انتظاميه خلاف آنهون ڏانهون ريورٽ موجب ڪشمور پوسي ڪمنب ۾ برسات ۽ ٻوڏ بعد ڳوٺن ۾ قاتل ماڻهون بک سبب بدحال ۽ بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويا سرڪاري ۽ تڪ جي چونڊيل نمائندن جي دورن بعد به سندن ڪا واهر نه ٿي. ڳوٺ مالڪ ڏنو ڪوسو ۽ ڳوٺ خادم حسين گولو جي برسات ۽ ٻوڏ متاثرين طرفان چونڊيل نمائندن، انتظاميا ۽ مقامي اڳواڻن پاران پرگهور نه لهڻ خلاف ڏانهيندي چيو ته مختيارڪار ڪشمور اعجاز احمد برڙو راشن ۽ خيما پنهنجي من پسند ماڻهن کي ڏنا آهن اسين غريب مسڪين پورهيت مزدور بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهيون اسان کي راشن ۽ ٽينٽ ته پري جي ڳال آهي پاءُ دال جو نه ڏنو ويو آهي هتن وڌيڪ چيو ته اسان جا گهر ڍهي پٽ ٿي ويا فصل ختم ٿي ويا هن وقت تائين اسان جي ڳوٺن ۾ گوڏي جيڏو پاڻي بيٺل آهي خيما نه هجڻ ڪري اسين کليل آسمان هيٺ بي يارو مددگار ويٺل آهيون اسان جي ڪو به سار لهڻ وارو نه آهي هن وقت اسان جي ڳوٺن ۾ گوڏي جيترو پاڻي بيٺل آهي اسان جي بيٺل سارياڻي جو به سٺو ايڪڙ ٻوڏ جي پاڻيءَ ۾ مڪمل طرح ٻڏي تباهه ٿي ويو آهي

بقايا 05

الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ بوائز ڊگري ڪاليج جي پرنسپل امجد حسين جوکيو، پروفيسر محمد حسن پٽي، الهبچايو ميمڻ، محمد خان ٿارو، عزيز ميربحر، اشفاق پيلان، علي محمد، مولوي عزيزالرحمان ڪنري، سينئر صحافي شهباز حسن ۽ ٻين تقريب ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي تقريب ۾ آيل استادن چيو ته استاد هڪ عظيم پيشو آهي سائين اسماعيل ڪٽي هڪ سٺو ۽ محنتي استاد آهي پاڻ هن اسڪول تي تمام گهڻو وقت تدريسي عمل جاري رکيو سنڌ شاگرداڄ سلي مقام تي آهن سائين جي محنت ۽ شفقت کي شاگرد ۽ ڳوٺ وارا نه وساري سگهندا هتن چيو ته اسماعيل ڪٽي جي تعليم سان محبت هوندي هئي جو برسات ۾ به اسڪول ۾ اچي ٻارن کي تعليم ڏيندو هو ان موقعي تي رٽائرڊ استاد اسماعيل ڪٽي چيو ته منهنجي ڪوشش هئي جيترو ٿي سگهي پنهنجو فرض ايمانداري سان ادا ڪريان پنهنجو پگهار هڪ حلال ڪري پنهنجي ٻچن کي کارايان هن چيو ته استاد هڪ عظيم پيشو آهي هجڻ جيڪي نوجوان تعليم کاتي ۾ ڀرتي ٿيا آهن ان کي درخواست ڪندس ته جيتيو ٿي سگهي تعليم تي ڌيان ڏيو ٻارن جو مستقبل استاد جي هٿ ۾ آهي. اسڪول جي ترقي ۽ تعمير لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪريو

بقايا 06

ڪم هلائڻ جو الزام. مقرر ٿيل پوليس اهلڪار ۽ ايجنٽ سفارش تي من پسند جا ڪارڊ پاس ڪرائن ٿا. متاثر ڊگري ڪاليج ٽنڊوعاقل تي وظيفه وارا پئسا کڻائڻ لاءِ آيل عورت بيهوش. انتظاميه پاران ڪوبه خاص انتظام نه هئڻ سبب سوين عورتون تڪليف ۾ پهچي ويون. ان سلسلي ۾ آيل عورتن ٻڌايو ته ته ڊرائيسز ايجنٽ سفارش وغيره تي تمام خفيه ڪٽوتي تي من پسند ماڻهن کي پئسا ڪڍي ڏين ٿا. ٻئي طرف پروگرام جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ٻڌايو ته ڪا به ڪٽوتي اسان جي سامهون نه پئي ٿئي ته وري ڪو سفارش تي ڪم هلي ٿو جيڪڏهن اهڙي شڪايت هجي ته اسان کي ٻڌايو وڃي. انتظامن بابت هن چيو ته اسان ڪم نظم و ضبط سان هلي رهيو آهي. باقي عورتن جي بيهڻ ويهڻ لاءِ ٽنڊوعاقل جي انتظاميه بندوبست ڪري. واضح رهي ته ڊگري ڪاليج سينٽر تي ڇهه ڊرائيسون هلنديون هيون جنهن مان ٽي ڪٽوتي ڪرڻ جي الزام ۾ بند ڪيون ويون آهن جنهن سبب عورتن کي پئسا ڏيڻ ۾ وڏو ٽائيم لڳي رهيو آهي ۽ نظم و ضبط به خراب ٿي رهيو آهي

بقايا 07

دوران ڪيو ورڪشاپ پاڪستان نيشنل هارٽ ايسوسيئيشن ۽ ڪي پي فوڊ سيفٽي اينڊ حلال اٿارٽي پاران گڏيل طور تي منعقد ڪيو ويو. ورڪشاپ ۾ صحت جي ماهرن، ميڊيا، ڪي پي ايف ايس ايچ اي جي سينيئر انتظاميا ۽ سول سوسائٽي شرڪت ڪئي. ڪي پي ايف ايس ايچ اي جي ٽيڪنيڪل ڊائريڪٽر ڊاڪٽر عبدالستار جو چوڻ هو ته خيبرپختونخواهه جي تعليمي ادارن ۾ کنڊ جي وڪري ۽ دستيابي تي پابندي لاءِ ڪي پي ايف ايس ايچ اي اڳ ۾ ئي ضابطا منظور ڪيا آهن. مٺي وارا کاڌا موٽاپو، ذيابيطس، دل جي بيماري ۽ ڪينسر جي ڪيترن ئي قسمن ۾ حصو وٺندا آهن. سوڊا، انرجي ڊرنڪس ۽ جوس کنڊ جي مقدار جا اهم ذريعا آهن ۽ اسان کي هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته اسان پنهنجي استعمال کي محدود ڪري سگهون. گلوبل هيلٿ ايڊووڪيسي انڪيوبيٽر ۽ فوڊ پاليسي پروگرام جي صلاحڪار منور حسين چيو ته کنڊ جي مٺي کاڌن جي استعمال ۽ لاڳاپيل بيمارين کي گهٽائڻ لاءِ چار اعليٰ اثر رکندڙ مداخلتون آهن. شوگر جي کاڌن تي بتدريج ٽيڪس وڌائي، فرنٽ آف پيڪ وارننگ نشانيون، مارڪيٽنگ جون پابنديون ۽ عوامي ادارن، خاص ڪري اسڪولن مان مٺي جي کاڌن کي هٽائڻ. ٿلهن لاڳاپيل اين سي ڊيز کي روڪڻ لاءِ مددگار آهن. هن چيو ته مٺي کاڌي تي ٽيڪس وڌائڻ سان اين سي ڊيز تي اسپتالن جي خرچن ۾ گهٽتائي ايندي ۽ حڪومت کي آمدني ملندي جيڪا ٻوڏ متاثر علائقن ۾ بحالي جي ڪمن تي خرچ ٿي سگهي ٿي. PANAH جي نمائندي حسيند خٽڪ مٺي جي کاڌن جي نقصان کي روڪڻ لاءِ ڪوشش بابت شرڪت ڪندڙن کي آگاهه ڪيو هن چيو ته PANAH نه رڳو عوام ۾ مٺي جي کاڌن جي صحت جي خطرن بابت شعور پيدا ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي پر ان جي استعمال کي گهٽائڻ لاءِ پاليسي سازن سان ٻن ڪم ڪري رهيو آهي ته جيئن ملڪ ۾ بيمارين جو بار گهٽ ڪري سگهجي. هن چيو ته پاڻي ۽ بغير کنڊ جي کير صحت مند ترين کاڌو آهن. جن کي ماڻهن کي کنڊ بدران پيئڻ گهرجي. ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن جي 2014_15 جي سروي جي انگن اکرن مان ظاهر ٿئي ٿو ته پاڪستان ۾ 41.3 سيڪڙو ماڻهو ٿلها يا وڌيڪ وزن وارا آهن. نيشنل نيوٽريشن سروي 2018 ظاهر ڪيو آهي ته 5 سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن ۾ 2011 کان 2018 تائين ٿلهپڻ وڌي ويو آهي.

بقايا 08

ٻين چونڊيل نمائندن ۽ انتظاميا خلاف ڳوٺاڻن احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ نظام الدين شيخ سڪندر شيخ منصور شيخ عزيز شيخ شريف شيخ پيرل شيخ ۽ ٻين ڏانهيندي چيو ته چوماسي برسات سبب اسان جا گهر ڪري پيا آهن سر شاخن کي لڳل گهارن سبب اسان جو ڳوٺ ٻڏي تباهه ٿي ويو برسات سبب ٻڻ گهر ڍهي پٽ ٿي پيا آهن کليل آسمان هيٺ ٽٽهڻ اس ۾ ٻيٺ بکايل بي يارو مددگار ويٺل آهيون تڪ جي چونڊيل نمائندن ۽ انتظاميا پاران ڪا به مدد ناهي ڪئي وئي جي عملدارن طرفان ڪا سار نه لڌي وئي آهي سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا آهيون زندگيون خطري هيٺ آهن احتجاج ڪندڙن طرفان گهر ڪئي آهي ته نوٽيس وٺي راشن ٽينٽ ڏئي واهر ڪئي وڃي

بقايا 09

عرف ڏمون چانڊيو ۽ وڏيرن خلاف پٽ تي قاتلاڻي حملي ۽ فيمليءَ سميت ختم ڪرڻ جون موتمار ڌمڪيون ملڻ خلاف احتجاج خبر موجب خيرپور ميرس جي علائقي يوسي ٽنڊومستي پرسان ڳوٺ قاسم خان چانڊيو جي پيرسن امام بخش چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته ڪجهه مهينا اڳ غلام قادر چانڊيو عرف ڏمون منهنجي پٽ طارق جي گهر واري سان اعتراض جوڳي حالت ۾ پڪڙيو ويو جنهن جو فيصلو ٻڻ ٿيو آهي جنهن ۾ غلام قادر عرف ڏمون چانڊيو تي ساڍا چار لک رپيا ڏنڊ ۽ علائقي بدر جي فتوا ٻڌائي وئي ڪافي وقت گذرڻ کان پوءِ ڏنڊ جي رقم ساڍا ٽي لک رپيا ملي بقايا هڪ لک نه ٿو ڏنو وڃي ويتر غلام قادر عرف ڏمون چانڊيو منهنجي پٽ تي قاتلاڻو حملو ڪيو ۽ اسان کي پوري فيملي سميت مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي جڏهن ته غلام قادر عرف ڏمون چانڊيو کي علائقي ۾ رهائڻ سميت ان جي پليراڻي علائقي جو وڏيرو عزيز چانڊيو سچل چانڊيو ۽ حاجي چانڊيو هوٽل وارو ڪري رهيا آهن منهنجي ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور ايس ايچ او ٽنڊومستي رئيس سردار خان چانڊيو سلطان احمد خان چانڊيو ۽ وس وارن کي اپيل آهي ته مونکي يا منهنجي فيمليءَ کي ڪوئي به نقصان پهتو ته ان جا ذميوار مٿي ڄاڻايل ماڻهون هوندا منهنجي پٽ ۽ مونکي موتمار ڌمڪيون ڏيندڙ غلام قادر عرف ڏمون چانڊيو کي گرفتار ڪري مونسان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ آءِ ايس ايس پي خيرپور آفيس سامهون ٻارن سان پيٽرول هاري باهه ڏئي پاڻ کي ختم ڪري ڇڏيندس

بقايا 10

قدرت جي رحم ڪرم تي هلڻ لڳي ٽنڊوعاقل سول اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ جي فالسيلنگ ڇت هيٺ ڪري پئي. معجزاتي طور تي مريض بچي ويا. سياسي سماجي ڌرين پاران افسوس جو اظهار خبر موجب گذريل رات سول اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ جي فالسيلنگ ناقص ميٽيريل استعمال ٿيڻ سبب ڪمزور ٿي وئي هئي جنهن سبب ڌماڪي سان سموري ڇت پيل بيڊن تي هيٺ ڪري پئي. وارڊ ۾ داخل مريض ڪجهه ئي منٽ اڳ خوف کان ٻاهر نڪري چڪا هئا. اهڙي حالتن ۾ هن وقت سول اسپتال جي انتظاميا بلڪل خاموش تماشائي بڻيل آهي جنهن سبب سول اسپتال قدرت جي رحم ڪرم تي هلڻ لڳي آهي. واضح رهي ٽنڊوعاقل جي شهرين سول اسپتال جي مختلف مسئلن تي اڳ احتجاج ڪري چڪا آهن پر سياسي سفارش هئڻ سبب ڪو به ڪڙ ٿيل نه ڪري سگهيو آهي جنهن سبب انتظاميه بيخوف بڻيل آهي

بقايا 11

فرنٽ جي مرڪزي صدر شيبا مغل، صابر جروار، فهد حيدر عباسي سميت ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته سپائي سومر ڪان سنڌ سميت لاڙڪاڻي ۾ تازو پيل برساتن بعد پيدا ٿيل ٻوڏ واري صورتحال ۾ متاثر ٿيندڙ ماڻهن جي مدد لاءِ لاڙڪاڻي شهر ۾ جهولي ڦند جو سلسلو شروع ڪرڻ سان گڏ آڳاري ڏينهن ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو توڙي ٻين عملدارن سان ملاقاتون ڪري متاثرن جي مدد ڪرڻ لاءِ جوڳا قدم کنيا ويندا. هنن چيو ته پيپلز پارٽي جي حڪمراني هٿ سان سنڌ کي ٻوڙي تباهه ڪيو آن سموري صورتحال ۾ هنن پنهنجا بنگلا، ماڙيون توڙي ذاتي زمينون بچائي سنڌ جي مارئڙن جا جهڳا ۽ زمينون ٻوڙي ڇڏيا آهن جنهن ڪري سنڌي ماڻهن جو جسماني ۽ معاشي قتل ٿي چڪو آهي. هنن چيو ته ٻاهرين ملڪن مان ٻوڏ متاثرن لاءِ آيل امداد ٻڻ پيپلن پنهنجي ٻين ۾ هٿي رهيا آهن پر حقي ٻوڏ متاثرين بکن سان گڏ بيمارين سبب مري رهيا آهن جن جي سنڌ حڪومت مدد ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام وئي آهي

بقايا 12

جي 2 سو ٻوڏ متاثرين ۾ سيد گل محمد شاهه بخاري جي مدرسي ۾ خشڪ راشن کهڙا خيما مڇردانيون ۽ دوائون تقسيم ڪيون ويون آهن. ان موقعي تي جماعت اسلامي ضلعي جي امير ڊاڪٽر امتياز شيخ ضلعي صدر محمد ابراهيم دايوجنرل سيڪريٽري حافظ منصور ابڙو ضلعي جي نائب امير نصير احمد سومرو سميت ٻين اڳواڻن 2 سو ٻوڏ متاثرين ۾ راشن ٻڻ تقسيم ڪيو آهي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهيندي چيو آهي ته الخدمت فائونڊيشن ۽ جماعت اسلامي برسات جي پهرين ڏينهن کان وٺي ٻوڏ متاثرين جي خدمت ڪندي پئي اچي اڳواڻن جو چوڻ هيو ته جماعت اسلامي بنا ڪنهن فرق جي انسانيت جي ناتي ٻوڏ متاثرين ماڻهن جي خدمت ڪندا پيا اچون الخدمت فائونڊيشن قمبرشهدادڪوٽ ضلعي جي سيٽي تعلقن جنهن ۾ وارهه نصيرآباد قمبر ميروخان سجاول جوڻيجو ۽ قبوسعيد خان ۾ ٽينٽ بستيون قائم ڪري هزارين ٻوڏ متاثرين کي 2 وقت پڪي پڪائي کاڌو مهيا ڪري رهي آهي انهي سان گڏ مليريا ۽ گيسٽرو جي مريضن جي علاج لاءِ الڳ سان ميڊيڪل ڪئمپون لڳائي ڪري ٻوڏ متاثرين جي مفت علاج ڪري مفت دوائون ڏيئي رهيا آهيون جماعت اسلامي ۽ الخدمت فائونڊيشن جون خدمتون ٻوڏ متاثرين لاءِ پوري سنڌ ۾ جاري آهن.

بقايا 13

نظام الدين جتوئي روئيندي ڏانهيو ته منهنجي پنجن سالن جي ڌيءَ راحيل ۽ ٻن سالن جي معصوم پٽ مدثر کي ڪافي ڏينهن کان بخار آهي جن کي اڄ سان ڪني لاڙڪاڻي شهر جي شيخ زيد چلڊرين اسپتال ۾ علاج لاءِ ويس ته ڊاڪٽرن دوائن جا پرچا ڏئي ٻاهرين ميڊيڪل اسٽور تان دوائون وٺڻ جو چئي موٽائي ڇڏيو اهڙي ڏانهن چلڊرين اسپتال جي آءِ ايم ايس ڊاڪٽر حسن چانڊيو کي ڏني جنهن ڪو به تدارڪ نه ڪيو. هن چيو ته منهنجا معصوم ٻارڙا بخار سبب تڙپي رهيا آهن پر چلڊرين اسپتال جي انتظاميه کين داخل ڪري علاج نه ٿي ڪري جيڪا وڏي ناانصافي آهي. هن چيو ته آءٌ ريڙهي هلائي گهر ڀاتين جو پيٽ گذر ڪندو آهيان مون کي ايترا پئسا ناهن جو بيمار ٻارڙن جو خانگي علاج ڪرائي سگهان. وس وارن کي اپيل آهي ته شيخ زيد چلڊرين اسپتال جي انتظاميه خلاف ڪاروائي ڪري معصوم ٻارڙن جو علاج ڪرايو وڃي.

بقايا 14

ڪراچي ۾ رهندڙ ٺٽون ٺارو وڏو جي نوجوانن طرفان پنهنجي مدد پاڻ تحت وصي حيدر فائونڊيشن اسڪول ۾ لڳايل ڪئمپ ۾ مختلف بيمارين ۾ جي مريضن کي دوا ڏني وئي جن نه نوجوانن ڪيمپ لڳائي آهي انهن کي سلام پيش ڪيون ٿا. برسات سبب حال هيٺا ٿي ويا آهن. هت اسان کي مفت دوايون ڏيئي وڏي خرچ کان بچايو ويو: ڪئمپ تي دوا لاءِ ايندڙ مريض برساتن بعد اسان جي ڳوٺ ۾ بيماريون تيزي سان پکڙجي رهيون آهن. غربت سبب علاج نه ڪرائي سگهندڙن لاءِ سماجي ورڪر علي رضا وڏو جي تعاون سان ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي: ڪئمپ ۾ مليريا، گيسٽرو، چمڙي جي بيمارين جي مريضن سان گڏ ڇاتي جا مريض به آيا. ۽ سوشل ورڪرن جي تعاون سان سيني مريضن کي مفت دوايون فراهم ڪيون ويون: ڊاڪٽر تفصيل موجب: ميروخان لڳ ڳوٺ ٺيون ٺارو وڏو ۾ برساتن بعد تيزي سان مختلف بيمارين جي پکيڙجڻ بعد ڪراچي ۾ رهندڙ ٺٽون ٺارو وڏو جي سماجي ورڪر علي رضا وڏو ۽ ٻين جي تعاون سان برسات متاثرن لاءِ هڪ ڏينهن واري مفت ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي. وصي حيدر اسسٽمينٽ فائونڊيشن اسڪول ۾ سماجي ورڪرن زوهيب علي وڏو، يعقوب ڪيڙو، توقير وڏو، مهراڻ وڏو، سيد معصوم شاهه ۽ ٻين جي نگراني هيٺ هلندڙ ڪئمپ تي چانڊڪا لاڙڪاڻو جي ماهر ڊاڪٽرن رحمت الله ٽنيو صدام حسين، بشارت حسين سهتو ۽ انور علي منگي تي مشتمل ڊاڪٽرن جي ٽيم مليريا گيسٽرو چمڙي جي بيمارين جي 600 مريضن جون مختلف ٽيسٽون ڪري چڪاس ڪري ڪانسواءِ مفت دوايون ٻڻ ڏنيون ويون ان موقعي تي ڊاڪٽر رحمت الله ٽنيو سميت ٻين ڊاڪٽرن ٻڌايو ته هن ڪيمپ ۾ مليريا، گيسٽرو، چمڙي جي بيمارين جي مريضن جو وڏو تعداد هيو جن کي سوشل ورڪر علي رضا وڏو پاران موڪليل دوايون مفت ڏنيون ويون. ڊاڪٽرن چيو ته ڳوٺن ۾ اسپري ڪرايو وڃي ۽ نرم ڪپڙن سميت تازيون ڀاڄيون کاڌيون وڃن ته بيمارين کان بچي سگهجي ٿو. ان موقعي تي دوايون وٺندڙ مريضن ٻڌايو ته اسان جي ڳوٺ ۾ برسات تباهي مچائي ڇڏي آهي جنهن ڪري گهر ڍهي پٽ پئجي ويا. پيو ته گهرن جا سڀ پاڻي بيمارين ۾ ولجي ويا جنهن ڪري علاج ڪرائڻ وڏو مسئلو بڻجي ويو هيو ۽ ان وقت ڳوٺ ۾ اسان کي مفت دوايون فراهم ڪيون ويون جنهن لاءِ اسان علي رضا وڏو، زوهيب وڏو ۽ ٻين جا شڪرگذار آهيون. ٻي پاسي ڪيمپ جي نگراني ڪندڙ رضاڪارن چيو ته ڪراچي جي سوشل ورڪر علي رضا وڏو جي خاص مهربانين سان اڄ هي ڪيمپ قائم ڪئي وئي ۽ هن ڳوٺ ۽ ڪيترين ئي بيمارين پکڙجي ويون هيون ۽ اڄ ان جو ثبوت آيو ته اٽڪل 600 مريضن جو معاينو ڪيو ويو. ان موقعي تي زوهيب وڏو چيو ته ڪيترائي ڀيرا حڪومت اڳيان ڏانهون ڪيون پر ڪنهن به ڌيان نه ڏنو ۽ ان وقت سوشل ورڪر علي رضا وڏو ساٿ ڏنو هن چيو ته اسان وٽ جانورن جي بيمارين جي مفت ڪيمپ ۽ هڪ عورتن جي بيمارين جي به ڪيمپ لڳڻ جي ضرورت آهي ۽ ان لاءِ ڪافي دوست رابطي ۾ به آهن ۽ عنقريب اهي ڪيمپون به لڳايون وينديون.

بقايا 15

حادثن واري شعبي آندو جتي تاري پرهيه فوت ٿي وئي جنهن جي وارثن ڊاڪٽرن مٿان غفلت جو الزام مڙهيندي مجريل ماڻهن ڊيوٽي تي موجود ڊاڪٽر جنيد رضا کي تشدد جو نشانو بڻائي لاش کڻي وي آءِ بي روڊ تي ڌرڻو هنيو جتي هنن ايم ايس ڊاڪٽر گلزار ٽنيو ۽ ڊاڪٽرن خلاف سخت نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ شهيد ڀٽو پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ عنايت خان عمراڻي، لياقت عمراڻي، جاويد لاهوري، لالو سرهيو ۽ ٻين الزام لڳائيندي چيو ته اسان جي نياڻي پرهيه عمراڻي کي ڳوٺ مور عمراڻي ۾ نانگ ڪٽڻ سبب رات جي ڪٽائي چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ آندو جتي ڊاڪٽرن پاران علاج نرت نه ڪرڻ تي هو فوت ٿي وئي آهي جيڪا نااهلي ڊاڪٽر جنيد ۽ سندس ٻئي عملي سميت ڊاڪٽرن جي آهي جنهن ڪري اسين وي آءِ بي روڊ تي احتجاجي ڌرڻو هنيو آهي جيسٽائين ڊاڪٽرايم ايس گلزار ٽنيو ۽ ڊاڪٽر امجد سميت ٻين مٿان ڪيس داخل نه ڪيو ويندو تيسٽائين اسان جو ڌرڻو جاري رهندو. بعد ۾ مجريل ماڻهن ايم ايس آفيس ٻاهران پهچي ڀڃ ڊاهه ڪئي جنهن سبب ڊاڪٽرن ۽ عملي ۾ خوف ۽ هراس ڦهلجي ويو بعد ۾ مجريل ماڻهن وي آءِ بي روڊ تي ٻيهر احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو جتي ايم پي اي معظم علي عباسي ۽ ٻين تنظيمن جي اڳواڻن پهچي عنايت عمراڻي سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي واقعي جي شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو. ان موقعي تي معظم علي عباسي چيو ته پوري سنڌ جيان لاڙڪاڻي جون به سرڪاري اسپتالون ڪوس گهر بڻيل آهن. لاڙڪاڻي جي سرڪاري اسپتالن کي اربين روپين جي بجيٽ ملندي آهي پر ان جي پيٽ ۾ هتي دوائن سميت ڪي به سهولتون ناهن جتان روزانو جي بنياد تي 3 کان 4 لاش نڪرن پيا. هن چيو ته معاملي جو لاڳاپيل اختيارين کي نوٽيس وٺي جاچ ڪرڻ گهرجي. واقعي بعد تشدد جو نشانو بڻيل ڊاڪٽرجنيد ساندائو سول لائين ٿاڻي تي پهتو جتي هن پوليس کي معاملي بابت آگاهي ڏيندي ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو جتي پوليس سندس جي اين سي داخل ڪرائي ڪيس انصاف جي خاطري ڪرائي. ان حوالي سان چانڊڪا اسپتال جي ميڊيڪل سپريٽينڊنٽ ڊاڪٽر گلزار ٽنيو ٻڌايو ته واقعي جو اطلاع بروقت پوليس کي ڏنو پر پوليس وقت تي نه پهتي ۽ سول لائن ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرائڻ ويا سين پر پوليس ويهاري ڪيس داخل نه ڪري مختلف بهانا ڪيا پيا وڃن هن مطالبو ڪيو ته واقعي جو ڪيس داخل ڪري تشدد ۾ ملوث ماڻهن کي گرفتار ڪيو وڃي. هوڏانهن آخري اطلاعن تائين اهڙي واقعي جو ڪيس داخل ٿي نه سگهيو هو

بقايا 16

ڪارڪنن ۽ شهرين پاران احتجاج جو ڇتاءِ تفصيل موجب چوماسي جي پيل تباهڪار برساتن جي مٿانهين واري علائقن مان چوڙ ڪيل پاڻي ڪيٽي مسڪينن کي بي گهر ڪيو هزارين ايڪڙن جي تعداد ۾ ڪاهيل مختلف فصل تباهه اجان تائين مسڪينن جا فصل پاڻي جي لپيٽ ڳوٺ محمد علي بوزدار ڳوٺ ميرخان گبول ڳوٺ ميوو بوزدار مان برساتي پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو علائقي جي رهواسي قومي عوامي تحريڪ تعلقه ميروپورماٿيلو جي اڳواڻ محمد شريف گبول محمد حارف بوزدار ظفرعلي ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڪافي ڏينهن برسات کي ٿي ويا پر اجان تائين پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو غريب ماڻهن جا فصل تباهه ٿي ويا آهن ۽ مليريا گيسٽرو ۽ مختلف سبب ڪيترائي ٻارڙا فوت ٿي چڪا آهن ڪافي ٻار اسپتالن ۾ پيل آهن سرڪاري اسپتالن ۾ صحت جون سهولتون نه هجڻ ڪري غريب خانگي اسپتالن مان علاج ڪرائڻ تي مجبور آهن علائقي ۾ مڇر مار اسپري نه ٿيڻ سبب بيمارين ۾ واڌ اچي رهيو آهي ڊي سي گهوٽڪي توڙي چونڊيل نمائندن خاموش آهن برسات متاثر مسڪين ماڻهو سخت تڪليف ۾ آهن هنن وس وارن کي اپيل ڪندي چيو ته برائي مهرباني پاڻي نيڪال ڪيو وڃي هن چتاءُ ڏيندي چيو ته پاڻي نيڪال نه ڪرڻ جي صورت ۾ ڊي سي گهوٽڪي آڏو ڌرڻو هڻنداسين

بقايا 17

تي عدالت پاران حد جي پوليس کي تحفظ فراهم ڪرڻ جي هدايت. تفصيل موجب، ڳوٺ روشن آباد واسي عورت شريمتي ڏاڻي ڪولهي پنهنجي مڙس اجيت ڪولهي سان گڏ ميرپورخاص جي عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي هئي جنهن ۾ شريمتي ڏاڻي ڪولهي پنهنجي موقف ۾ ڄاڻايو هو ته اڳوڻي مڙس بابو ڪولهي پاران طلاق ڏيڻ بعد مرضي سان اجيت ڪولهي سان شادي ڪئي آهي اهڙي عمل تي سندس مائٽ اڳوڻو مڙس بابو ڪولهي، سندس مائٽ چنو ڪولهي، باجو ڪولهي، ڏيوجي ڪولهي مجرجي پيا آهن ڪيس مڙس سميت قتل ڪرڻ سميت موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جنهن تي ميرپورخاص جي سيشن جج جي عدالت پاران جهڏو پوليس کي شادي شده جوڙي کي تحفظ فراهم ڪرڻ جوڙي کي مرضي موجب زندگي گذارڻ جو فيصلو ڏنو ويو آهي اهڙو فيصلو اچڻ بعد جوڙي پاران عدالتي فيصلي تي خوشي جو اظهار ڪيو ويو آهي

بقايا 18

سان لکين روپيه وٺڻ لڳا بظاهر سينٽر اڳيان ٺٽون ڪوٽ ٿاڻي جي موبائيل ٻڻ بيٺل پر ڪٽوتي واري رقم مان پوليس کي حصو ملڻ سبب پوليس به ڪا ڪاروائي نه ٿي ڪري ۽ قائم ڪيل سينٽرتي غيرضروري مرد ٻنا روڪ ٽوڪ جي سينٽر اندر اچ وڃ ڪري گهجهي ڊيل ڪرڻ لڳا رقم مان رشوت نه ڏيندڙ کي آڱر نه لڳڻ جو ڪارڻ ڄاڻائي پريشان ڪيو وڃي ٿو عورتون روز دربدر ٿيڻ تي مجبور هتان جي سياسي سماجي اڳواڻن ۽ سول سوسائٽي پاران مستحق عورتن جي رقم مان ڪٽوتي ڪندڙ ڊرائيس مالڪن خلاف سخت ڪاروائي ڪري مستحقين کي آيل پوري رقم ڏيارڻ جي گهر ڪئي آهي

بقايا 19

لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا ۽ اسين آپڪا آل ڪلارڪ ايسوسيئيشن دادو ضلعي چيرمين لاهوتي منير احمد سيال احمد علي ڏاهيري، اسد الله ڏاهري، مسرورهاليپوٽو ۽ ٻين اڳواڻن پاران اپيل ڪندي آءِ جي پوليس سنڌ، ڊي آءِ جي پوليس حيدرآباد، ايس ايس پي دادو ۽ ڊي ايس پي سٽي دادو کان گهر ڪئي آهي ته صحافي قربان ڪوسو کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ قلم ڌڻين کي سنڌ اندر وقت سر انهن کي جاني مالي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ته شايد گذريل وقت ۾ سنڌ اندر قلم ڌڻين سان ڪجهه واقعه پيش آيا جي رياست توجهه ڏئي ها ته اهڙا واقعه پيش نه اچن ها

بقايا 20

RHC جنگشاهي پهچائي ڪتن جي زهر ختم ڪرڻ واري ويڪسين لڳرائي سندس حياتي بچائي ورتي آهي. ڳوٺاڻن مطالبو ڪيو آهي ته ڪتا مار مهم شروع ڪري ڳوٺاڻن کي رولو ڪتن مان نجات ڏياري وڃي.

بقايا 21

ناهيد شاهه ۽ ٻين اخبار وارن سان ڳالهائيندي چيو ته اي ڊي ايچ او ڊاڪٽر امتياز وسڻ پنهنجي مرضي مطابق سپروائزر ۽ ليڊي هيلٿ ورڪرز رکيا هئا. جيڪي ڊاڪٽر امتياز وسڻ جي وڃڻ کان بعد هنن کي هيلٿ ڊپارٽمينٽ طرفان هٽايو ويو آهي ۽ اسان کي هيلٿ ڊپارٽمينٽ طرفان ان پوسٽن تي مقرر ڪيو ويو آهي. هنن چيو ته هاڻي اسان کي ڊاڪٽر امتياز وسڻ بلاجواز جي تنگ ڪري رهيو آهي ته توهان پنهنجي ڊيوٽي مقرر جڳهن تي نه ڪيو. منهنجي رکيل اسٽاف کي برقرار رهڻ ڏيو. هنن وڌيڪ چيو ته اسان کي هيلٿ کاتي طرفان مقرر ڪيو ويو آهن اسان کي ان مطابق پنهنجي ڊيوٽي ڪرڻ ڏني وڃي. هنن چيو ته برسات پوڻ کان پوءِ ٻارن ۾ مختلف بيمارين منهن ڪڍيو آهي انهن حالتن ۾ اسان گهر گهر وڃي ٻارن ۽ عورتن کي ويڪسينيشن جهڙن پروگرامن ۾ ليڊي هيلٿ ورڪرز لاءِ انتظاميا جي مداخلت جي ڪري پروگرام ضلعي خيرپور ۾ متاثر ٿي رهيو آهي. هن صحت کاتي جي صوبائي وزير ڊاڪٽر عذرا پيچوهو ۽ سيڪريٽري صحت سنڌ کان مطالبو ڪيو ته اي ڊي ايچ او ڊاڪٽر امتياز وسڻ خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ اسان کي پنهنجي ڊيوٽي ايمانداري سان ڪرڻ ڏني وڃي.

بقايا 22

ڪئي مزاحمت تي هٿيارٻندن خالد حسين عباسي کي گولي هڻي زخمي ڪري فرار ٿي ويا اطلاع تي حد جي ٿاڻي جي پوليس پهچي واقعي بابت تفصيل وٺي زخمي کي کڻي چانڊڪا اسپتال جي حادثن واري شعبي ۾ داخل ڪرايو جتي کيس طبي امداد ڏني وئي. ان موقعي تي خالد حسين عباسي ٻڌايو ته آءُ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جا پئسا کڻي وڃي رهيو هيس ته رسول آباد روڊ وٽ موٽرسائيڪل سوار ٽن هٿيارٻندن برقعمال ٻڌائي ساڍا 12 لک روپيه ڦرڪري فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي جتي مزاحمت تي هنن مون کي گولي هڻي پئسا ڦرڪري فرار ٿي ويا. هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته ڦر ۾ ملوث ڦورن کي گرفتار ڪري پئسا واپس ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 23

12 ربيع الاول جي پروگرامن ۽ جشن عيد ميلادالنبي صلي الله عليه وسلم جي رٿابندي ڪرڻ ۽ پروگرام ترتيب ڏيڻ جي سلسلي ۾ مدرسه سيد صبغت الله شاهه سڪندريه ڳوٺ الهبچايو چانگ ۾ فقير حبيب الله سڪندري جي ميزباني هيٺ گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ صاحبزاده سيد ذاڪر حسين شاهه جيلاني سيد الطاف حسين شاهه جن خاص شرڪت ڪئي ۽ علائقي واسين حاجي نورمحمد مري محمد حسن مري حاجي وزير خان مري قادر بخش حافظ شفيق احمد سڪندري صاحب خان ڏهيو نصير ڏهيو عبدالستار چانگ علي نواز چانگ ۽ احمد چانگ سميت علائقي جي معززين شرڪت ڪئي.

بقايا 24

پنجن خلاف ايف آءِ آر داخلا جي حڪمن جي استدعا، خبر موجب خيرپور جي سيشن جج مشتاق احمد لغاري جي عدالت تعلقو ميرواهه جي ڳوٺ مٽ جي رهواسي گلزار علي رند ۽ تعلقو گمبٽ جي ڳوٺ امير بخش سروهي جي رهواسي علي احمد سروهي طرفان انتظاميه خلاف برسات متاثرن لاءِ آيل کاڌ خوراڪ، مڇردانيون ۽ ٻيو سامان هضم ڪرڻ جي الزامن هيٺ عملدارن خلاف ايف آءِ آر داخلا جي حڪمن جي استدعا ڪندي داخل ٿيل درخواستن کي ٻڌڻي لاءِ منظور ڪندي الزام هيٺ آيل اسسٽنٽ ڪمشنر ميرواهه عبدالباسط هڪڙو، مختيارڪار گمبٽ صلاح الدين گهمرو، تپيدار امان الله اعوان، تپيدار مهدي حسن بوزدار ۽ جمال الدين ملاح خلاف نوٽيس جاري ڪندي کين عدالت ۾ پيش ٿي جواب داخل ڪرائڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 25

ڳورهاري عورتن جا الٽراسائونڊ ٻڻ ڪيا ويا. ميڊيڪل ڪئمپ دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪوهسار ويلفيئر ٽرسٽ جي باني ڊاڪٽر ادور مل ليکمياڻي چيو ته ڪوهستان جي علائقن ۾ برسات ڪانپوءِ ماڻهن ۾ بيماري پکڙجي وئي آهن صحت جو سهولتون نه هجڻ سبب ماڻهو سخت پريشان آهن ماڻهن وٽ ايتري سگهه نه آهي ته هو پنهنجو علاج ڪرائي سگهن ان ڳالهه کي نظر ۾ رکندي اسان ڪوهستان جي ڏورانهن علائقن ۾ ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي رهيا آهيون اڄ آزاد گبول واري علائقي ۾ تعلقه اسپتال انتظاميه جي سهڪار سان مفت هڪ ڏينهن واري طبعي ڪئمپ لڳائي آهي جنهن ۾ 800 جي لڳ ڀڳ مريضن جو چيڪ اپ ڪري کين مفت دوائون ڏنيون ويون آهن ڳورهاري عورتن جا الٽرا سائونڊ شگرجون ٽيسٽون مليريا جون ٽيسٽون ٻڻ ڪري مفت دوائون ڏنيون ويون آهي وس آهر خدمت جو سلسلو جاري رکيو ويندو ميڊيڪل ڪئمپ ۾ پرويز يوسف ميمڻ شاهد موسو علي حسن ڪوسو، حاجي رحيم بخش گبول عبدالحليم گبول، عبدالحفيظ گبول، الله ڏنو رند، فاروق موسو سميت وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي

بقايا 26

ايڪٽ تحت داخل ٿيل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي گذري، دهشتگردي ڪورٽ عدالت جي جج انعام علي ملڪ ڪيس ۾ نامزد قومپرست اڳواڻن جي پڪي ضمانت منظور ڪري 10 آڪٽوبر تي ايندڙ ٻڌڻي تي ٻيهر عدالت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت ۾ پيشيءَ بعد قومپرست اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي جي اخبار وارن سان ڳالهائيندي چيو ته پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت جي نااهلي ۽ ڪرپشن سبب سنڌ جا شهر توڙي ڳوٺ ٻڏي ويا آهن ۽ خوشحال سنڌ جا مارو روڊ رستن تي رهڻ تي مجبور آهن، 2008 کان 2022 تائين سنڌ ۾ پيپلز پارٽي جي حڪمراني رهي آهي ڊرينج ۽ بندن جي مرمت جا ايندڙ اربين روپيا ڪرپشن جي ور چڙهي وڃن ٿا، جنهن سبب جڏهن پنجن ڏينهن جي برسات سنڌ واسين لاءِ رحمت بجاءِ زحمت بڻجي وئي آهي، 2010 جي ٻوڏ مها ٻوڏ مان به سنڌ جا حڪمران سبق حاصل نه ڪري سگهيا، ڏيهي توڙي پرڏيهي پاڻي جي ماهرن کي گهرائي انهن کان پاڻي جي نيڪالي بابت مشورا نه ورتا ويا، جنهن جي سبب اڄ سموري سنڌ مڪمل طور پاڻي هيٺ آهي سنڌ حڪومت اهو ٻڌائي ته ڪهڙي آبپاشي ماهر کان مشورو وٺڻ بعد منڇر کي هٿرادو ڪٽ هڻي خيرپور ناٿن شاهه ۽ ميهڙ ۽ ٻوڏ آئي شهرن کي تباهه ڪيو ويو، سنڌ حڪومت جا نمائندا متاثرن جي مالي مدد ڪرڻ بجاءِ متاثرن لاءِ آيل عالمي سطحي امداد مان به ڪرپشن ڪرڻ جي منصوبن ۾ مصروف آهن. ان موقعي تي پنهل ساريو، فقير امداد منگي، زاهد شنباڻي ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا 27

جا برسات متاثر امدادي راشن نه ملڻ تي سراپا احتجاج ڊرٽو روڊ بلاڪ. وارڊ جي ڪائونسلر توفيق لغاري جي اڳواڻي ۾ يوسي چيئرمين مسعود لغاري ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميمبر شفقت رسول ڪلهوڙي خلاف سخت نعريبازي، برساتن سبب يوسي ۾ تمام گهڻو نقصان ٿيو آهي فصل تباهه ٿيڻ ڪانسواءِ ماڻهو بي گهر ۽ فاقاڪشي ۾ آهن چيئرمين ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميمبر پنهنجي من پسندن کي راشن ڏيئي رهيا آهيون: وارڊ ڪائونسلر توفيق لغاري تفصيل موجب: ميروخان لڳ يونين ڪائونسل ٺوڦ جهڙسول جي برسات متاثرن طرفان راشن ۽ ٻيو امدادي سامان نه ملڻ تي وارڊ جي ڪائونسلر توفيق احمد لغاري جي اڳواڻي ۾ يونين ڪائونسل ٺوڦ جهڙسول جي ڳوٺ جان محمد لغاري ۽ ٻين مختلف ڳوٺن جي برسات متاثرن طرفان ميروخان لاڙڪاڻو روڊ ٺوڦ جهڙسول لاڳي وٽ احتجاجي مظاهرو ڪري يونين ڪائونسل جي چيئرمين مسعود احمد لغاري ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبر شفقت رسول ڪلهوڙو، اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيارڪار سجاول جوڻيجو خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ وارڊ جي ڪائونسلر توفيق لغاري عبدالمجيد بروهي مشتاق احمد لغاري ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته برسات سبب يونين ڪائونسل ٺوڦ جهڙسول ۾ تمام گهڻو نقصان ٿيو آهي ڪيترن ئي ماڻهن جا گهر ڍهي پٽ ٿي وڃڻ ڪانسواءِ ساريالو فصل مڪمل طور تي ختم ٿي ويو آهي جنهن ڪري ڳوٺ جان محمد لغاري سميت ٻين ڳوٺن جا رهواسي فاقاڪشي ڪٽڻ تي مجبور بڻيل آهن ڪيترائي ڀيرا يوسي چيئرمين مسعود احمد لغاري ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبر شفقت رسول ڪلهوڙو ڪانسواءِ اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيارڪار سجاول جوڻيجو وٽ ويا آهيون پر هو متاثرن کي راشن ۽ ٻيون امدادي سامان ڏيڻ بجاءِ رڳو آسرا ۽ دلاسا ڏيئي رهيا آهن احتجاج ڪندڙن جو وڌيڪ اهو به چوڻ هيو ته يوسي چيئرمين مسعود احمد لغاري ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميمبر شفقت رسول ڪلهوڙو هن وقت به پنهنجي من پسند ماڻهن کي راشن ۽ امدادي سامان ڏيئي رهيا آهن هن احتجاج ڪندڙ چتاءُ ڏيندي چيو آهي ته جيڪڏهن حقيقي برسات متاثرن کي راشن نه ڏنو ويو ته اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيارڪار سجاول جوڻيجو جي آفيس جو گهيراءُ ڪنداسين

بقايا 28

چڙيا ماڻهن کي اٽو 65 ۽ ٻين، بدران 110 ۽ 20 [illegible] لاڳاپيل کاتن جي سرڪاري عملدار ڪوبه قدم کڻڻ کان قاصر غريب طبقو سخت پريشان، سماجي اڳواڻن پاران مهانگائي خلاف احتجاجي ريلي، تفصيل موجب سنڌ حڪومت جي خوراڪ کاتي طرفان سنڌ ۾ اٽي جو اگهه 65 [illegible] ۽ ٻيو هوائي عمل درآمد ڪرائڻ لاءِ لاڳاپيل ضلعن جي روينيو عملدارن ۽ خوراڪ کاتي جي ضلعي عملدار کي پابند ڪيو هو پر مٽياري ضلعي جي ٽنهي تعلقن نيوسعيدآباد_هالا_ مٽياري جي شهرن ۽ ٻهراڙين جي دڪاندارن ۽ واپارين اٽي چڪي مالڪن انهن حڪمن کي هوا ۾ اڏائي ڇڏيو شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ اٽو 65 رپين بدران 110 کان 120 رپيا ڪلوگرام جي حساب سان کلئي عام وڪرو ڪري رهيا آهن غريب ۽ سفيد پوش طبقو سخت پريشان آهي هوڏانهن لاڳاپيل ضلعي عملدار خبر ناهي ڇو انهن واپارين چڪي مالڪن ۽ دڪاندارن تي قدم کڻڻ لاءِ تيار ناهن هوڏانهن اٽي سميت سيني کاڌڻ پيئڻ جي شين جي اگهن جي واڌ خلاف سماجي اڳواڻ عبدالعزيز ميمڻ جي اڳواڻي ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو چوڪ کان اي سي آفيس تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ۽ مطالبو ڪيو ويو ته مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ضلعي ۽ تعلقي انتظاميا پاران قدم کنيا وڃن.

بقايا 29

JESTs جي سول سروس ۽ زندگين کي تمام گهڻو نقصان ڏنو آهي خدارا آءِ بي اي JESTs & ECTs جي بيچ کي ريگيولر ڪري اسان جي ڪانٽريڪٽ مان جان ڇڏايو هي 2017 جي ٽيچرس ريڪروٽمينٽ پاليسي جو Rationale (دليل) آهي جنهن مطابق سنڌ جي سرڪاري اسڪولن اندر سائنس ٽيچرس جي شديد کوٽ ڄاڻائيندي ان وقت جي سيڪريٽري تعليم عبدالعزيز عقيلي / قاضي شاهد پرويز جي ٽيم ۽ ان وقت جي وزير تعليم سائين سردار شاهه آءِ بي اي سکر ذريعي سائنس ٽيچرس (ECT & JEST) ڀرتي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو جن سان پروفيشنل ڊگري ADE/B.Ed/M.Ed جو شرط ٻڻ لاڳو ڪيو ويو ڀرتي ٿيڻ بعد پگهارن ۾ جيڪي 10 سال PST سروس ڪري JEST ٿيا آهي ۽ جيڪي فريش JEST ٿيا آهي سڀ 14 اسڪيل جي شروعاتي اسٽيج تي رکي بي پروٽيڪشن جي قانون جي لتاڙ ڪئي وئي، سالا انڪريمينٽ واري معاملي کي وري AG سنڌ ۾ مقرر تعليم کاتي جا DAGs پنهنجي انا ۽ عظمت جو مسئلو بڻائيندي اسان 4 هزار استادن جي زندگين سان رانديڪي وانگر کيڏندا رهيا قانون خلاف پاليسي سازن جون پاليسيون هميشه سنڌ جي تعليم لاءِ نقصانڪار رهيون آهن 2017 جهڙي ناقص پاليسيءَ جو تدارڪ وري ۽ سائين سردار شاهه صاحب ئي ڪري سگهي ٿو جنهن 20 جولاءِ تي اسان آءِ بي اي ECTs & JESTs کي هڪ مهيني اندر ريگيولر ڪرڻ جو اسان سان واعدو ڪيو هيو جيڪو واعدو نڀائي ۽ اسان کي ريگيولر ڪيو وڃي

بقايا 30

گئسٽرو، چمڙي ۽ ٻين ٻيائي بيمارين ۾ مبتلا گندو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف شهري سراپا احتجاج بڻيل ريورٽ موجب برسات بند ٿيڻ کي هڪ مهينو گذرڻ باوجود کهڙا ۽ ڀرپاسي مان برسات ۽ سم تالي جو گندو پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو آهي هن وقت به غريب آباد، موسن شاهه ڪالوني، ڀٽائي ڪالوني، لوهي اجڻ، باب مصطفي گيٽ، ٽائون ڪاميٽي آفيس، گمبٽ روڊ، درب مهر شاهه روڊ سميت مڙني تعليمي ادارن ۾ 4 کان 5 فوٽ پاڻي بيٺل آهي ۽ شهري هڪ علائقي کان ٻي علائقي ڏانهن وڃڻ لاءِ ٽريڪٽر جي ٽيوب ۾ ۽ هوا ڀري ۽ پلاسٽڪ جي ڊرمن مان ٻيڙيون ناهي ان جو استعمال ڪري رهيا آهن. برساتي ۽ گٽرن جي گندي پاڻي سبب شهر جي اڌ کان وڌيڪ آبادي مليريا، گئسٽرو، بخار، چمڙي جون بيمارين ۽ ٻين ۾ مبتلا ٿي وئي آهي. جڏهن ته روڊ رستا بند هجڻ سبب مريض اسپتالن تائين پهچي نه ٿا سگهن. هوڏانهن سول سوسائٽي ۽ شهرين پاران عزيز احمد جعفري، علي محمد علي اجڻ، عدنان سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سبزي مارڪيٽ ۾ سخت احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي. هنن پبلڪ هيلٿ گمبٽ ۽ ٽائون ڪميٽي انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته مين ڊرينج سسٽم جا موٽر هلائي گندو پاڻي نيڪال ڪرايو وڃي. ٻي پاسي شهرين پاران پنهنجي مدد پاڻ تحت ٽريڪٽرن ۽ جهنڊا هڻي پاڻي نيڪال ڪرڻ جون ڪوششون ٻڻ جاري آهن

بقايا 31

علي پٽو پنهنجي معصوم نياڻين مبينه، پٽ ڪليم، سهري سجڻ ميڪڻ ۽ ٻين سان گڏجي ڏانهيندي چيو ته سال 2005ع ۾ مان خيرپور جوسو ڳوٺ جي رهواسي سجڻ ميڪڻ جي طلاقيل ڌي، جيجل سان شادي ڪئي هئي جنهن مان مون کي ڇهن ٻارن جي اولاد آهي هن الزام لڳائيندي چيو ته 8 مهينا اڳ گهرواري جيجل پنهنجي پيءُ جي گهر خيرپور جوسي ڳوٺ گهمڻ لاءِ ويل هئي جتي سندس سٺوٽ پيارو ميڪڻ پنهنجي پٽ رجب ميڪڻ سان گڏجي گهرواري کي گوليون هڻي بيگناهه ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪري ڇڏيو جنهن واقعي جو ڪيس مون پڪو ٿاڻي تي داخل ڪرايو جنهن ۾ پوليس هڪ جوابدار رجب ميڪڻ کي گرفتار ڪري جيل اماڻي ڇڏيو جڏهن ته ٻيو جوابدار پيارو ميڪڻ ضمانت تي آزاد آهي جيڪو مسلسل اسان کي قتل ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي جنهن مان مون سميت گهرڀاتين جي جانين کي خطرو آهي. هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته گهرواري جي قتل ۾ ملوث جوابدار پيارو ميڪڻ کي گرفتار ڪري تحفظ ڏنو وڃي.

بقايا 32

۽ مسلسل غريبن مسڪينن کي سهولتون نه ملڻ سميت تمام مسئلن جي حل لاءِ هيومن رائيٽس پروٽيڪشن فورم پاڪستان ڊويزن سکر جو اجلاس صوبائي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر عبداللطيف ميراڻي جي صدارت ۾ اڄ صوبائي آفيس ۾ ٿيندو جنهن ۾ سول اسپتال ۾ پيش ايندڙ مسئلن جي حل لاءِ لائحه عمل جوڙيو ويندو. اجلاس ۾ صوبائي، ڊويزنل، ضلعي ۽ تعلقي جا اڳواڻ شرڪت ڪندا

بقايا 33

جي سهولت مان فائدو کڻڻ جي صلاح ڏني. ايف ايف سي جي زرعي ماهر عمير اسلام آبادگارن تي زور ڏيندي چيو ته موجوده حالتن ۾ آبادگارن جي مالي حالت کي بهتر بڻائڻ ۽ ملڪ ۾ کڻڪ جي امڪاني کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ في ايڪڙ پيداوار ۾ اضافو ڪرڻ تمام ضروري آهي. هن آبادگارن کي کڻڪ جي پوک ۽ پاڻي جي متوازن استعمال بابت جديد زرعي مشورن بابت آگاهي ليڪچر ڏنو پروگرام ۾ علائقي جي آبادگارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

صالح پٽ جي مختلف ڳوٺن مان برسات جو پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو

ڳوٺ حمزه خان شنباڻي ڳوٺ نصير محمد شنباڻي جي رهواسين احتجاجي مظاهرو ڪيو

اسان جي ڳوٺن ۾ برسات جو پاڻي بيٺل آهي، نيڪال نه ٿيڻ ڪيو وڃي تڪليف ۾ آهيون: مظاهرين

پاڻي نيڪال ڪرائي اسان متاثرن جي واهر ڪئي وڃي جيئن اسان پنهنجي بچن جو گذر سفر ڪري سگهون

صالح پٽ (رپورٽ: غلام علي ملاح) صالح پٽ جي مختلف ڳوٺن مان برسات جو پاڻي نيڪال نه ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 01

صالح پٽ: ڳوٺن مان برساتي پاڻي نيڪال نه ڪرڻ خلاف رهواسي احتجاج ڪندي

خيرپور ۽ ميهڙي باندي ٻڌائيل ماڻ ڏيءُ کي بازياب ڪرائڻ جو حڪم

عدالت پاران ميهڙي باندي ٻڌائڻ جي الزام هيٺ آيل بااثرن کي نوٽيس جاري

پنهنجي مغوين کي عدالت ۾ پيش ڪرائڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو

خيرپور (ر) خيرپور جي عدالت ميهڙي باندي ٻڌائيل ماڻ ڏيءُ کي بازياب ڪرائڻ جو حڪم ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 03

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جا پئسا وٺڻ آيل عورت بيهوش

ڊوائيس مافيا تي مسلسل سفارشي ڪري هلائڻ جو الزام، انتظاميه واهر نه ڪئي

پوليس اهلڪار ۽ ايجنٽ سفارش تي من پسند جا ڪارڊ پاس ڪرائن ٿا: عورتون

... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 06

سجاول جي پرائمري استاد محمد اسماعيل ڪٽي جي رٽائرمينٽ تي تقريب

بوائز ڊگري ڪاليج جي پرنسپال امجد حسين جوکيو، پروفيسر محمد حسن ٻلي ۽ ٻين جي شرڪت

پارن جو مستقبل استاد جي هٿ ۾ آهي، اسڪول جي ترقي ۽ تعمير ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريو: اڳواڻ

سجاول (عتيق الرحمان ڪنڀر) سجاول جي ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 05

سجاول: ماستر اسماعيل ڪٽي جي الوداعي تقريب ۾ استاد ويٺل آهن

نئون ڪوٽ ٿلهي ۾ ميڊيڪل ڪئمپ

ڪل انعقاد ڪيو ويو آهي: ڊي ايڇ او

ڊاڪٽر ٿرپاريڪر

... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 02

ڪنب جي ڳوٺ محمد

صديق ڪوسو ۾ برسات ٻوڏ

متاثرن جي ڪا واهر نه ٿي

... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 04

خيرپور ۾ ايل ايڇ ڊبليو جي 50 ليڊي هيلٿ ورڪرز عورتن پاران احتجاج

اسان کي ڊاڪٽر امتياز وسان بلاجواز جي تنگ ڪري رهيو آهي: مظاهرين جون دانهون

اسان کي هيلٿ کاتي طرفان مقرر ڪيون ويو آهن اسان کي پنهنجي ڊيوٽي ڪرڻ ڏني وڃي

انتظاميا جي مداخلت جي ڪري پروگرام ضلعي خيرپور ۾ متاثر ٿي رهيو آهي

خيرپور (رپورٽر) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 21

خيرپور: ڊاڪٽر امتياز وسان خلاف ليڊي هيلٿ ورڪرز احتجاجي مظاهرو ڪندي

لاڙڪاڻي ۽ ڊوائيس هولڊر خالد

حسين عباسي کي هٿيارن جي زور تي

يرغمال بڻائي لکين روپيا ڦري ڪڍيا ويا

لاڙڪاڻو (رپورٽ) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 22

ڪنڌڪوٽ ۽ عيد ميلادالنبي ﷺ جي بابت

مختلف هنڌن تي پروگرام ملهائڻ

لاءِ گڏجاڻي

... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 23

خيرپور ۾ برسات متاثرن جي انتظاميه مدد نه ڪري سگهي

پن ڳوٺاڻن پارنا عملدارن خلاف عدالت ۾ درخواستون داخل ڪيون ويون

تپيدار مهدي حسن بروزدار ۽ جمال الدين ملاح خلاف نوٽيس جاري ڪيا ويا

خيرپور (ر) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 24

سجاول پريس ڪلب ۾ فوڊ سيفٽي اينڊ حلال اٿارٽي ۾ ورڪشاپ منعقد

ورڪشاپ ۾ صحت جي ماهرن، ميڊيا، ڪي پي ايف ايس ايڇ اي جي سينيئر انتظاميه ۽ سول سوسائٽي شرڪت ڪئي

ملڪ ڪاڏو ملڪي صحت ۽ معيشت لاءِ وڏو خطرو آهي، پاڪستان جي معيشت مختلف چئلينجن کي منهن ڏئي رهي آهي: اڳواڻ

تعليمي ادارن ۾ ڪنڊ جي وڪري ۽ دستيابي تي پابندي لاءِ ڪي پي ايف ايس ايڇ اي جو ضابطو منظور ڪيو ويو آهي

سجاول (رپورٽ: عتيق الرحمان ڪنڀر) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 07

سجاول: ڪي پي فوڊ سيفٽي اينڊ حلال اٿارٽي جي منعقد ورڪشاپ

ٺٽي جي ڪوهستاني علائقن ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو

هڪ معصوم ٻارڙي جولين ڪلاس جي شاگرد کي ڪتي سخت زخمي ڪري وڌو

رورل هيلٿ سينٽر جنگشاهي پهچائي ڪتي جي زهر کان بچائڻ واري انجيڪشن ڪرائي وئي

ٺٽو (رپورٽ: علي گوهر) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 20

خيرپور اندر برسات ۽ ٻوڏ متاثرن طرفان واهر نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

پيپلز ڪالوني ڳاڙهي پل رهواسين جي برسات ۽ ٻوڏ متاثر ڳوٺاڻن پاران احتجاج ڪيو ويو

اسان جا گهر ڪري پيا آهن سر ڇانو کان به لڳل گهران سمهڻ اسان جو ڳوٺ ٻڏي تباهه ٿي ويو: مظاهرين

خيرپور (رپورٽ راڄنجن شيخ) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 08

خيرپور: متاثرن طرفان واهر نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪوهسار ويلفيئر ٽرسٽ ۽ تعلقہ اسپتال ٽنڊوباگو خان پاران ميڊيڪل ڪئمپ قائم

ڊاڪٽر اور مل لڪميائي، ڊاڪٽر ليلارام، ڊاڪٽر پريم چند منگواڻي، ڊاڪٽر عظما عيسيٰ، ڊاڪٽر رخسانه خاصخيلي ۽ ٻين مريضن کي چيڪ اپ ڪيو

ڪوهستان جي علائقن ۾ برسات ڪري ماڻهو بيماري ۾ ڦاٿل آهن صحت جي سهولت نه هجڻ سبب ماڻهو سخت پريشان آهن: ڊاڪٽر اور مل لڪميائي

ماڻهن جي ليتي سگهه نه آهي ته هو پنهنجو علاج ڪرائي سگهن ان ڪري اسان ڪوهستان جي ڏورانهن علائقن ۾ ڪئمپ لڳائي رهيا آهيون

ٽنڊوباگو خان (رپورٽ: راشد نواز منگهڻهار) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 25

ٽنڊوباگو خان: ڪوهسار ويلفيئر ٽرسٽ ۽ تعلقہ اسپتال پاران ميڊيڪل ڪئمپ قائم

خيرپور پرسان يوسي ٽنڊو مستي جي ڳوٺ قائم خان چانڊيو جي رهواسي پاران احتجاج

پيرسن بااثر غلام قادر عرف ڳمن چانڊيو ۽ وڏين خلاف پٽ تي قاتلاڻي حملي ۽ فيملي سميت خير ڪرڻ جون ڌمڪيون ملڻ خلاف احتجاج ڪيو

ڪجهه مهينا اڳ غلام قادر چانڊيو عرف ڳمن منهنجي پٽ طارق کي گهر واري سان اغوا ڪرائي ڇڏيو آهي

... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 09

خيرپور: ٽنڊو مستي جي ڳوٺ قائم خان جو چانڊيو رهواسي پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي

رائيپور مان اغوا ٿي ويل نينگري جي بازيابي لاءِ احتجاج تي قومپرست اڳواڻن ڪيس داخل ٿيڻ بابت پڙهڻي

عدالت جي جج انعام علي ملڪ ڪيس ۾ نامزد قومپرست اڳواڻن جي پڪي ضمانت منظور ڪري ڇڏي

سنڌ حڪومت جي نااهلي ۽ ڪرپشن سبب سنڌ جا شهر ٻوڙي ڇڏيا ويا آهن: ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي

ڪهڙي آبپاشي ماهرن ڪان مشورو وٺڻ بعد منڇر کي هٿرادو ڪٽ هڻي خيرپور ناٿن شاهه کي تباهه ڪيو ويو

خيرپور (ر) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 26

ميرپورخاص: يوسي نوڪوٽ چوڪ جا برسات متاثر امدادي راشن نه ملڻ تي سراپا احتجاج ڌرڻو

يوسي چيئرمين سميع الفاري ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميمبر شفقت رسول کلهوڙي خلاف سخت نعريبازي

برسات سبب يوسي ۾ گهڻو نقصان ٿيو آهي اهي فصل تباهه ٿيا اسان کي راشن کان محروم ڪيو ويو آهي: مظاهرين

ميرپورخاص (رپورٽر) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 27

ٽنڊو محمد خان تعليمي کاتي جي ڊائريڪٽرن جي نااهلي

سنڌ حڪومت ڊاڪٽرز جي ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 28

لاڙڪاڻي ۾ سنڌ ايڪشن ڪاميٽي ضلعي جو اجلاس

پارٽي جي حڪمران هٿ سان سنڌ کي ٻوڙي تباهه ڪيو: اڳواڻ

سنڌ حڪومت مدد ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام وئي آهي

لاڙڪاڻو (رپورٽ) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 11

پنوعاقل: سرڪاري سول اسپتال قدرت جي رحم ڪرم تي هلڻ لڳي

اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ جي ڇانو لڳي ٽٽي هيٺ ڪري پئي معجزاتي طور تي مريض بچي ويا

سياسي سفارش هٺ سيٽ ڪيل ڊاڪٽر ۽ عملو جنهن سبب انتظاميه بيخوف بڻيل

پنوعاقل (رپورٽ) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 10

پنوعاقل: سرڪاري سول اسپتال جي ڇت ڪري پيل پٽ جا چاپڙ نظر اچي رهيا آهن

ميرپورخاص: يوسي نوڪوٽ چوڪ جا برسات متاثرين راشن نه ملڻ تي احتجاج ڪندي

ٽنڊوباگو خان جي اي ايس ٽي ايس استادن پاران احتجاجي مظاهرو

اسان کي ريگيولر ڪري اسان جي ڪانٽريڪٽ مان جڏائي وڃي: استادن جون دانهون

پي اي ECTs & JESTs جي سول سروس ۾ زندگين کي تمام گهڻو نقصان ڏنو آهي

هڪ مهيني اندر ريگيولر ڪرڻ جو اسان سان واعدو ڪيو هيو جيڪو وفا نه ٿيو آهي

ٽنڊوباگو خان (رپورٽ: راشد نواز منگهڻهار) ... ECTs & ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 29

شهدادڪوٽ ۾ الخدمت فائونڊيشن جماعت اسلامي پاران مجرتائين ۾ بيو سامان تقسيم

متاثرن ۾ سيد گل محمد شاهه بخاري جي مدرسي ۾ خشڪ راشن ڪپڙا خيما مجرتائين ۾ دوائون تقسيم ڪيون ويون

جماعت اسلامي بنا ڪنهن فرق جي انسانيت جي ناتي ٻوڏ متاثرين ماڻهن جي خدمت ڪندا پيا اچون: اڳواڻ

مريضن جي علاج لاءِ الگ سان ميڊيڪل ڪئمپون لڳائي ڪري ٻوڏ متاثرن جي مفت علاج ڪري مفت دوائون ڏني رهيا آهيون

شهدادڪوٽ (رپورٽ) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 12

شهدادڪوٽ: الخدمت فائونڊيشن جماعت اسلامي پاران متاثرن جي مدد ڪئي پئي وڃي

لاڙڪاڻي ۾ باڦراڻي جي رهواسي پاران احتجاج، نعريبازي

چانڊين اسپتال ۾ علاج لاءِ ويس ته ڊاڪٽرن دوائن جا پرچا ڏئي موٽائي ڇڏيو: مظاهرين

اسپتال جي انتظاميه خلاف ڪارروائي ڪري معصوم ٻارن جو علاج ڪرايو وڃي

لاڙڪاڻو (رپورٽ) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 13

ميرو خان ۾ برسات ۽ ٻوڏ متاثرن لاءِ مفت ميڊيڪل ڪئمپ قائم

جن ۾ نوجوانن ڪئمپ لڳائي آهي انهن کي سلام پيش ڪيون ٿا: متاثر ڳوٺاڻا

غربت سبب علاج نه ڪرائي سگهندڙن لاءِ سماجي ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي آهي: اڳواڻ

ميرو خان (رپورٽ) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 14

ميروخان: ٽنين ٽاڻ ۾ برسات متاثرن لاءِ لڳايل مفت ميڊيڪل ڪئمپ ۾ ڊاڪٽر مريضن جي چڪاس ڪندي

ڪهڙا ۽ پرياسي مان برسات ۽ سر نالي جو گندو پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو

شهر ۾ 4 ڪان 5 فوٽ پاڻي بيٺل، شهرين جو هڪ علائقي کان ٻي علائقي وڃڻ لاءِ هٿرادو نهيل ٻيڙين جو استعمال

رهواسي مليريا، گئسٽرو، چمڙي ۽ ٻين وبائي بيمارين ۾ مبتلا گندو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف شهري سراپا احتجاج بڻيل

شهرين پاران پنهنجي مدد پاڻ تحت ٽريڪٽرن ۽ جهڻا هٽي پاڻي نيڪال ڪرڻ جون ڪوششون ٻي جاري، انتظاميه غائب

ڪهڙا (رپورٽ) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 30

ڪهڙا: برسات جو پاڻي نيڪال نه ڪرڻ خلاف متاثر احتجاج ڪندي

لاڙڪاڻي پرسان نانگ ڪڱڻ سبب ناري علاج دوران فوت، وارثن پاران احتجاج

ناري جي وارثن پاران ڊاڪٽرن مٿان غفلت جو الزام لڳائيندي دي آءِ جي روڊ تي احتجاج ڪيو ويو

سرڪاري اسپتالن ڪوس ڪهڙي بيٺل آهن جتي مريض جو ڪو به علاج نه ڪيو وينديو آهي: مظاهرين

لاڙڪاڻو (رپورٽ) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 15

لاڙڪاڻي ۾ قتل ٿي ويل عورت جيجل پنوجي خون سان انصاف لاءِ مظاهرو

سال 2005ع ۾ مان خيرپور جوسو ڳوٺ جي رهواسي سڄڻ ميڪڻ جي طلاقيل ڌيءُ جيجل سان شادي ڪئي هئي: مظاهرين

سڄڻ پيارو ميڪڻ پنهنجي پٽ رجب ميڪڻ سان گڏجي ڪهڙواري کي گوليون هڻي بيگناه ڪاريڪاري جو الزام هيٺ قتل ڪري ڇڏيو

لاڙڪاڻو (رپورٽ) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 31

جهڏو واسي پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ پريس ڪلب پهچي ويو

عدالت پاران حڪم جي پوليس کي پريمي جوڙي کي تحفظ فراهم ڪرڻ جي هدايت

پيار جو پرڻو ڪرڻ ڪان ماءِ پيءُ ۽ اسان جي جانين کي دشمن بڻجي ويا آهن: جوڙو

ميرپورخاص (رپورٽ) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 17

ميرپورخاص: پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ جي اپيل ڪندي

جرواڙ ۽ پرياسي مان پاڻي جمع ٿيل پاڻي جي نيڪال لاءِ انتظاميه اپاءُ نه وٺي سگهي

مسڪين جا فصل پاڻي جي لپيٽ ڳوٺ محمد علي بروڙو ڳوٺ ميرخان گبول ڳوٺ ميروبروڙو مان برساتي پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو

ڪافي ڏينهن برسات کي ٿي ويا پر اڃان تائين پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو غريب ماڻهن جا فصل تباهه ٿي ويا آهن: رهواسي

جرواڙ (رپورٽ) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 16

ٿلهي ڪوٽ ٻوڏ متاثرن لاءِ آيل بينظير انڪم سپورٽ سينٽر تي عورتن جي رقم مان ڪٽوتي جاري

ڊوائيس مالڪن پاران ايجنٽ معرفت ٿي مستحق عورت ڪان ۾ هزار روپيه 3000 ڪٽوتي بارجود انتظاميه غائب

ايجنٽ معرفت ۾ هزار کان 3000 هزار روپيه ڪٽوتي ڪري ڊوائيس مالڪ ناجائز طريقي سان لکين روپيه وٺڻ لڳا

ٿلهي ڪوٽ (رپورٽ) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 18

ٿلهي ڪوٽ: بينظير انڪم سپورٽ سينٽر تي رقم وٺڻ لاءِ آيل عورتون نظر اچي رهيون آهن

پنوعاقل سول اسپتال ۾ مسئلن جي حل لاءِ اجلاس ٿيندو

اسپتال ۾ پيش ايندڙ مسئلن جي حل لاءِ لائحه عمل جوڙيو ويندو

صوبائي، ڊويزنل، ضلعي ۽ تعلقي جا اڳواڻ شرڪت ڪندا

پنوعاقل (رپورٽ) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 32

جام صاحب ۾ فوجي فرٽيلائيزر ڪمپني پاران آبادگارن لاءِ آگاهي سيمينار منعقد

سيمينار جو مقصد علائقي جي آبادگارن کي ربيع جي فصلن لاءِ جديد زراعت جي بدلي زرعي تجربن بابت آگاهي ڏيڻ هو

ڪرناول سيمينار ۽ سيمينار ۾ ايف سي پاران زرعي ماهر عمير اسلام ۽ هيڊ آف سيلز ضلعي شهزاد انور پٽ شرڪت ڪئي

نوابشاهه (رپورٽ) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 33

نوابشاهه: فوجي فرٽيلائيزر ڪمپني پاران آبادگارن کي آگاهي ڏيڻ لاءِ منعقد سيمينار جو ڏيک

دادو جي صحافي ڪاش اخبار جي رپورٽر جي گهر تي حملو

ڪچهه شرپسند پاران ڌمڪين ڏنيون آهن ان عمل سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا: اڳواڻ

معاملي جو نوٽيس وٺي صحافي قربان ڪوسو کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

دادو (رپورٽ) ... /بقايا ٽين صفحي 3 نمبر 19